
مسافر
وفائون
شاعري
مسافر هاليپوٽو
امرتا

# مُسافر وفائون

[شاعري]

## مُسافر هاليپوٽو

امرتا

پبليڪيشنس حيدرآباد

2020ع

ڊجيٽل ايڊيشن

2023 ع

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

Amarta's Book No.44

سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

**مُسافر وفائون** [شاعري]
شاعر: **مُسافر هاليپوٽو**

ايڊيٽنگ ۽ لي آئوٽ: **فقير محمد ڍول**
ٽائيٽل: **عبدالرسول عباسي**
گرافڪس: **عرفان علي ميمڻ**
ڇاپو پهريون: **جنوري** 2020ع
ڇپيندڙ: **امرتا پبليڪيشنس حيدرآباد،**
امرتا ڇاپ گهر، 1-باسم چيمبرس حيدر چوڪ حيدرآباد
amartachhapghar@gmail.com
ڇپرائيندڙ: **ڍول فقير فائونڊيشن_ سنڌ**
قيمت: 300.00 **روپيا**

**ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر**
www.sindhsalamat.com
**2023ع**

**Musafir Wafa'oo'n**
[Sindhi Poetry]
Poet: Musafir Halepoto

Editing & Lay Out: Faqir Muhammad Dhol
Title: Abdul Rasool Abbasi
Graphics: Irfan Ali Memon
Composed by: Naseem Baloch
First Edition January 2020
Printed by: Amarta Publications Hyderabad,
Amarta Chhap Ghar, 1-Basim Chambers,
Hyder Chowk Hyderabad.
Published by: Dhol Faqir Foundation, Sindh
Price: Rs.300.00

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران نامياري شاعر **مسافر هاليپوٽي** جي شاعريءَ جو مجموعو **”مسافر وفائون“** اوهان اڳيان پيش آهي.

مُسافر هاليپوٽو، پنهنجي هر شعر ۾ شعور جي راهه جو پانڌيئڙو نظر اچي ٿو ۽ وٽس وطن جو درد، محبوب جا ماڻا، لوڪَ جون محروميون، عورت جي مظلوميت، روايتي بيهوده رسمون ۽ انهن ۾ پيڙجندڙ وجودن جا لقاءَ، بُک، بيروزگاري سميت ڪو اهڙو ڏک درد ڪونهي، جيڪو مُسافر جي شعر کان گُٿو هجي. اِها هڪ ذميوار ۽ سُجاڳ شاعر جي نشاني آهي. مُسافر هاليپوٽي جي شاعريءَ جي اهم ڳالهه لاڙ پَٽَ جي حُسناڪ ٻوليءَ سان گڏ سندس سادي، عام فهم ۽ موجوده وقت جي مروِج ٻولي آهي، جيڪا عام سادڙي ڳوناٺي کي بہ سوَلائيءَ سان سمجهه ۾ ايندڙ آهي.

هي ڪتاب 2020ع ۾ **امرتا پبليڪيشن، حيدرآباد** پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون امرتا پبليڪيشن جي سرواڻ فقير محمد ڍول جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ مهربانيون مسافر هاليپوٽي جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

[ ارينا ]

اڄ سرجيل نظم جيان،
صرف هڪ ڪاما جيترڙي
وٺي آئي ۽ تون
حال مان ماضي ڏي
هليو وڃين
۽
منهنجي زندگي ، جو
سمورو پورهيو
سڀ ڪجهه هوندي
ڪڏهن مڪمل ٿي نہ سگهيو

افضل جاني







هي اڌورو، اڻپورو پورهيو
توکي تنهنجي يادن سميت ارپيان ٿو

مسافر هاليپوٽو

# سونهن سٽاءُ

**اداري پاران:**
’مُسافر‘ هاليپوٽو: محبتن جو ماڻهو **فقير محمد ڍول** 12
**مُهاڳ:**
شاعريءَ جي ميدان جو ’مُسافر‘ **نسيم بلوچ** 14
**محبتن جا ڪجھ اکرَ:**
شاعريءَ سان محبت ڪندڙ ’مُسافر‘ **سيما عباسي** 19
’مسافر‘ سان منهنجا روحاني رشتا **تاج سنڌي** 25
سنڌي ادب جي تاريخي منزل جو ’مسافر‘ **اعظم ڀٽي** 27
**شاعر پاران:**
مان جوئي آهيان سوئي آهيان **مسافر هاليپوٽو** 29

**نعتيہ غزلُ**
معاف ڪر مولا خطائون، مصطفيٰ ﷺ جي واسطي 38

**غزلُ**
اڃو گُلَ گلابن جون ڳالهيون ڪريو ڪي 40
بيوفا هوندي بہ هُو هر بار سهڻو ٿو لڳي 41
پيرَ زخمي ٿي پيا پر چاهتون ساڳيون رهيون 42
ڪٿي ٿهڪ خوشيون رهيا يوڳ آهن 43
درد آهن گهڻا چوٽ تازي نہ ڏي 44
دل چري تون ٻڌا ڪٿ وفا ڳولجي؟ 45
بنان ڪنهن ڏوھ جي مون کان رسي تي ڏار وئي آهي 46
ڀڄي ڀروسا ٽي پيا ڀَور آهن 47
مٺي محبوب جا ماٺا قرارن کان بہ وڌ آهن 48
چري چاھ مان جو چٽائي وئي آهي 49

سجڻ توکي خبر ڪهڙي اسان جا خواب اُجڙيا هِن 50
مٺا محبوب مون جانچي ڏٺو سنسار ۾ آهي 51
رَئو آهه تو جو اُڏاريو هوا ۾ 53
اڪيون يار تنهنجي پڇائن ۾ آهن 54
اسان جي يار ذهنن تي سراسر سوڳ طاري آ 55
ڪيان ڇو ڏيک جا ماتم اندر سارو تہ ڪربل آ 56
لڳا جو پيار تي پهرا تہ هيٺا حوصلا ٿي ويا 57
عجب آ اسان جي وفا ڪنهن نہ ڄاتي 58
ٻڌايو ڏوهہ ڪهڙو هو، حوا ان ميگهواڙيءَ جو 59
اسان جي يار خوابن کي ملي تعبير ڪاتي آ 60
سدائين سچايون ڪيون تو نشانا 61
دل چري تون ئي ٻڌا مان آئتون آٽيان ڪتان! 62
بي مزي آهن بهارون تو سوا 63
واعدو پنهنجو پاري مربو 64
هڪبئي ۾ آ ساهہ اسان جو 65
عمر گذري عذابن ۾ 66
ڏٺيون مون دربدر آهن وفائون شهر تنهنجي ۾ 68
تون پويتر پيار منهنجو، تو ڏياري جيت آ 69
سدا گيت پنهنجا نرالا رهن 70
ٻُڌو حق وفا جو نغارو ڪپي ٿو 71
نصيبن ۾ لکيل منهنجي رڳو هي لڙڪ لارون هِن 73
وفائن جي عيوض ملن ٿيون سزائون 74
ڪر سوچ ڦِٽي هر ڪا مئخان ۾ موٽي آ 75
پرين ويساهہ جي وڻ ۾ پرهہ جا ڪي پتا آهن 76
روح جو بس روح ۾ ئي راز آ 77
تنهنجي مرڪي ملڻ واري اکين ۾ شام رهجي وئي 78
عجب حال آهي اسان جي شهر جو 79

| | |
|---|---|
| جيئن گستاخ ماڻهن جي گلن ۾ هار ترڪن ٿا | 80 |
| زماني ۾ ورهايو مون، وفائن جو وکر آهي | 81 |
| دل رو نہ ڪري دانهون مقتل ۾ جيئڻ آهي | 82 |
| پري تون يار ٿيندو آن، اچي سڪرات ويندي آ | 83 |
| ڏکويل کي ڏکويل جي، صدا تڪليف ڏيندي آ | 84 |
| حقن جي لئہ وڙهيو آهيان | 85 |
| هت زخمي زخمي ڇاتيون هِن | 86 |
| ڪنوارين اکين جو لُتيل خواب آهيان | 87 |
| هي سنڌ ڇا جهان جو محور لطيف آهي | 88 |
| توکي ڇا ڇوان تون ڇا آهين | 89 |
| مٿان ڏک تہ مون تي بہ واري چڏيو ٿئي | 90 |
| ڪٿي مون گهريا هِن عمر جا سهارا | 91 |
| نگاهون نہ ڦيرا ڏسڻ ڏي مٿي | 92 |
| ڏکي دل پوي ٿي جڏهن تون رسُين ٿي | 93 |
| سزائون پلي ڏيو سزاوار آهيان | 94 |
| پهتا هُون قاتل جي ويجهو | 95 |
| پرين تو پير پاتو آ چمن گلزار ٿي ويو آهي | 96 |
| اوهان جي يار يادن جو سنڌو ڏس چاڙهہ ۾ آهي | 97 |
| پرين شام توبن اڪيلي لڳي ٿي | 98 |
| عجب جا فسانا اکين ۾ رکين ٿي | 99 |
| تو سوا ڀي مهجبين گهرجي نٿي | 100 |
| عجب آزمائش وٺين ٿو زمانا! | 101 |
| وڙهي هن وطن لئہ امر ٿي وڃان | 102 |
| سدا دل صحن ۾ رهيا پيار آهن | 103 |
| قوم جون شاعر پُڇائون ٿو ڪري | 104 |
| حياتيءَ جي حسابن ۾ رڳو سُڏڪا بچيا آهن | 105 |
| معاشرو سُڌارجي ٿيو پيو خراب آ | 106 |

من جڪڙجي ويو درد جي چار ۾ 107
جڏهن دلربا جدا ٿي وئي 108
ناحق وڏا آهن ڪيا، دنيا اندر ناٽي ڏسو! 109
ڪڏهن ڪي پُور پيڙائون، ڪڏهن ڪا آس لکندو هان 110
وِڪَ وِڪَ دوکا ويساهه گهاتيون 111
تو وٽ جيڪا ذات ڏسان ٿو 112
حادثا ئي حادثا آ زندگي 113
ڇَپن تي هٽي مات تالا ڇڏيون تا 114
وسڪاري جي ويل وري آ 115
مون ۾ پنهنجو پاڻ ڇڏي وئي 116
منهنجي هر شام اڄ تائين 117
وڃي ويچار ۾ وينس پيم ڪي پُور عيدن جا 119
ڪيڏو نہ قداور آ مقتل ۾ ڪِلي تو پيو 120
رلائي روز ٿي مون کي پنهنجي تصوير کي سمجها 121
گُهلي اهڙي هوا آهي رُلي رشتا ويا آهن 122
رشتا سنڀالجن يا سپنا سنڀالجن 123
چنڊو اٿئي پلي ڇِن مون کي نياڻٽو آ 124
رڳو يار دوکن ڏَنَن تي لکون تا 125
يادگيرين جون هڙوتيون اڄ وري کولي ڏنم 126
چري دل حُسن تان، فدا ٿي وڃي ٿي 127
ڪيڏو نہ غم لتل آ، آڪاش جي اکين ۾! 128
سوچن جا سلسلا، ٽُٽن ئي نتا 129
اسين پيڪر وفائن جا، جفائن ۾ اسان جو ڇا؟ 130
پرين پردو هٽائي تون، نظارا بي نقاب نہ ڪر 131
وري پيو ورهاست جا، واڄا وڄائي 132
دلبر حرام جي نہ ٿِي خودڪشي هجي ها 133
اوهان جي شهر جون آهن هوائون زهر آلوده 134

زندگي آ ڏکن جو گهر ٿي ويئي 135
پاڪ جذبن جي مٿان پارا ٿا دل وارا ڏسن 136
نڪو عشق هو ۽ نہ سارون هيون ڪي 137
سنڌي سيني سُپر آهيون، الئہ ڪيئن سنڌ ٽوڙيندو 138
ڪُوڪ نہ ٻڌجي ڪوئل جي! 139
وڇوڙو اسان ۾ اڇي جي ويو آ 140
آ پرين تو ڏني دغا مون کي 141
مون کي مون ۾ مات ڏئي وئي 142
وَرَ وَرِيُون ڪُسندي ڏٺيون ٿم ڪيترين هن ديس ۾ 143
جان مون ارپي ڇڏي توکي ۽ تنهنجي ياد کي 144
هوا زور آ لڳايو وري 145
ديد دلبر سندي ٿي عبادت رهي 146
ستمگر ستم جي ڪري انتها وئي 147
ڏک هجي يا سک سڄڻ کي سارجي 148
خوب کان خوب تر ٿي وڃون 149
اسان جو نينهن نوٽن تي اٿين نيلام ٿي ويندو 151
هت يار وفائن جو ڪو شهر اڏي وڃبو 152
صفا ماري ڇڏيندي آ، ادا خاموش اکڙين جي 153
سمنڊ ڪناري شام لڙي وئي 154
نہ ٿي مومل ملي مون کي نہ ٿي ڪا ڪاڪ چاهيان ٿو 155
ڏسان ٿي نٿو ڪٿ خوشيون عيد واريون 156
بي گٺي سان گڻ ڪري غلطي ڪيم 157
پيار وفا جي پوڪي ڪر تون 158
خوشامد جا کيل ڏنا مون 159
مشعل کڻي هٿن ۾ ڳولڻ شعور نڪتو 160
مرڪ چپن ڪا ماڻي ناهي 161
امن پيار ۽ ڪٿ برهہ بات آهي 162

درد سان ٻڪجي انگل آرا سُتا 163
منهنجو ساهه سزا ۾ آهي 164
اقرارن جي ڳالهه ڪجي ڇا 166
عشق امر نہ پيار ڏسون ٿا 168
هر بار اسان جي خاموشي! 170
سادگي جي هار آهي ٿي وئي 172



## مُسافر هاليپوٽو: محبتن جو ماڻهو

اداري پاران

مُسافر هاليپوٽي سان پيار جو پيوَند گهڻو پراڻو آهي. جڏهن ’امرتا‘ رسالي کي ماهوار جاري ڪيو هيوسين ۽ پوءِ پنهنجي محبوب سنڌڙيءَ جا ترَ، برَ ۽ لَڪَ لتاڙيا هئاسين ۽ اهڙي سفر جي تِن مسافرين ۾ مُسافر هاليپوٽي وٽ بہ سندس ڳوٺڙي ۾ بہ گهڙيون ٽَڪُ ڀڳو هيوسين ۽ سندس گهر جي ٿڌي گهڙي جي پاڻيءَ جا ڪي ڍُڪَ اندر ۾ اوتيا هئاسين تہ اُنهن سان گڏ مُسافر جي محبت بہ اندر ۾ لهي آئي هئي ۽ ’امرتا‘ جي ڪري مختلف دوستن سان دوستيءَ جو جيڪو هارُ پوئجڻ لڳو هو، تنهن ۾ هڪڙو گُل مُسافر بہ هيو. محبتن جو اهو رِشتو اڄ تائين جُڙيل آهي.

تازو نومبر 2019ع ۾ پهرين پياري دوست ۽ سُهڻي سيبتي شاعر نسيم بلوچ ۽ پوءِ مُسافر هاليپوٽي رابطو ڪيو ۽ هِن ڪتاب ’مُسافر وفائون‘ جو ذڪر ڪيو ۽ ان کي ’امرتا پبليڪيشنس‘ جي بينر هيٺ ڇپائڻ جي ڳالهہ ڪئي تہ مون ہنهي سان بنا دير ۽ ڪنهن هَٻڪَ جي هڪدم حامي ڀري ورتي ۽ ائين مُسافر جي هن ڪتاب تي ڪم شروع ڪيوسين.

مُسافر هاليپوٽي جي شاعري هونئن ڇڙوڇڙ ’امرتا‘ سميت مختلف رسالن وغيره ۾ ۽ ڪانئس روبرو بہ ٻُڌل هئي، پر هيئن ڳُٽڪي جي صورت ۾ ڪنهن بہ شاعر کي پڙهڻ جو لُطف ئي جدا هوندو آهي. پوءِ ڀل اُهو شاعر ننڍو هجي يا وڏو ۽ ناميارو هجي يا بي نام... اهڙي ريت مون جڏهن مُسافر جو تخيُل هن ڪتاب ۾ پڙهيو تہ هُو مون کي هڪڙو سنڌ پرست، محبت پرست ۽ وطن دوست شاعر محسوس ٿيو ۽ هُن جي خيالن ۾ بلڪل هُن جي طبيعت جهڙي ئي معصوميت، سادگي ۽ نماڻائي نظر آئي. جيڪا هي ڪتاب پڙهندڙ هر ماڻهوءَ کي پنهنجي پنهنجي اک سان نظر ايندي ۽ منهنجي دعويٰ آهي تہ ائين

ٿي نٿو سگهي تہ ڪو ماڻهو مُسافر هاليپوٽي جو هي ڪتاب پڙهي ۽ سندس سادگي، معصوميت ۽ نماڻائي ڪيس ياڪُرن ۾ نہ پري.

مُسافر هاليپوٽو، پنهنجي هر شعر ۾ شعور جي راهہ جو پانڌيئڙو نظر اچي ٿو ۽ وٽس وطن جو درد، محبوب جا ماڻا، لوڪ جون محروميون، عورت جي مظلوميت، روايتي بيهوده رسمون ۽ انهن ۾ پيڙجندڙ وجودن جا لقاءَ، بُک، بيروزگاري سميت ڪو اهڙو دُک درد ڪونهي، جيڪو مُسافر جي شعر کان گُٿو هجي. اِها هڪ ذميوار ۽ سُجاڳ شاعر جي نشاني آهي.

مُسافر هاليپوٽي جي شاعريءَ جي اهم ڳالهہ لاڙ پَٽَ جي حُسناڪ ٻوليءَ سان گڏ سندس سادي، عام فهم ۽ موجوده وقت جي مروِج ٻولي آهي، جيڪا عام پرائمري پڙهيل ۽ سادڙي ڳوٺاڻي کي بہ سوَلائيءَ سان سمجهہ ۾ ايندڙ آهي. هُن هرويرو ڪي ٺيٺ ادبي لفظ گهڻا استعمال ڪونهي ڪيا، بلڪِ هُن شعوري طرح ڪوشش ڪري پنهنجي شاعريءَ کي عام اصطلاحن، تشبيهن ۽ سادڙن لفظن ۾ پويو آهي، جنهن ڪري سندس پويل هِن هارَ يعني ’مُسافر وفائون‘ جي خوشبوءِ سان هر طبقي ۽ مڪتبِ فڪر جو ماڻهو واسجي سگهي ٿو. مُسافر هاليپوٽي جي سُخن ۽ صحت و سلامتيءَ لاءِ فقير دعاڳو آهي.

’امرتا پبليڪيشنس‘ پاران هيءُ ڪتاب پڙهندڙن آڏو پيش ڪندي، ’امرتا ڇاپ گهر حيدرآباد‘ سَرهائي محسوس ڪري رهيو آهي تہ اسان ٿورڙي عرصي دوران هِن سُهڻي ڪتاب سميت ادب دوستن لاءِ ڪيترائي معياري ۽ مختلف موضوعاتي ڪتاب پيش ڪرڻ ۾ اڳڀرا آهيون. اوهان جي دعائن لاءِ سدائين اوسيئڙي ۾ آهيون ۽ توهان لاءِ دعاڳو آهيون. ڌڻي توهان کي آباد سلامت رکي - آمين

نياز مند:

**فقير محمد ڍول**

**امرتا ڇاپ گهر**

حيدرآباد _2 جنوري 2020ع

مُهاڳ

## شاعريءَ جي ميدان جو مسافر..!!

زندگي پنهنجي اصل منزل ڏانهن مسافريءَ جو ٻيو نالو آهي، اهڙو سفر جنهن جي منزل آخرڪار اتي ئي آهي جتي جيڪو ويو اتان نه موٽيو نه ئي وري خبر آندائين، پٽائي سرڪار چواڻي 'نڪو خبر نه خواب نڪو اوٺي آئيو' جي فلسفي تي هلندي ئي گذري ٿي. خواب به هڪ مسافري آهي دماغ جي جيڪا منٽن ۾ ڪوهين ڏور هلي ويندي آهي ۽ ان جو انت اک کلڻ سان ئي ٿيندو آهي. اهڙي ئي مسافري محبتن جي به آهي، جي اها محبت نالي ڪا شئي نه هجي ها ته نڪو هي جهان هجي ها نه ئي هن ڪي پنهنجو پاڻ هجڻ جو موقعو ملي ها نه ئي ان جي جستجو ۾ گهٽن ڪي ريگزار رلڻا پون ها. ها، اها محبت ئي آهي جنهن پنهنجا جوهر آڙاهه ۾ به ڏيکاريا ته نيل نديءَ ۾ رستا پار ڪندي به پورا ڪيا، ته وري محبت سخت پٿريلي زمين ۽ تپندڙ رڃ ۾ به پهتي ۽ سرخرو ٿي.

اها محبت ئي آهي جنهن پنيوران سفر شروع ڪيو، اها ئي محبت آهي جنهن مهراڻ جي بدمست ڇولين سان مهاڏو اٽڪايو ۽ اها به محبت جي انتها آهي جو ڇُلندڙ سمنڊ ڪناري تي ويهي، اکين سامهون ٻيڙائتن کي ويندي ڏسي به انهن جي ورڻ جي انتظار ۾ تڙَ تي ونجَهه جيئڻ خاموش زندگي گذاري، ڏياري اچڻ کان ٿورو اڳ ئي پنهنجي سفر جي انتها تي پهچي چوي ٿي، 'ماءِ ساموندي آئيا.'

اها بہ تہ محبت آهي جنهن ڪينجهر جي داستان کي امر بڻايو، ها محبت جي مسافري بہ عجيب آهي، عجيب بہ اهڙي تهڙي..! اها بہ تہ محبت آهي جنهن ۾ ڪاري جا ڪيڙائُو، موڪيءَ جي ميخاني تي پهچي چون ٿا تہ، 'پروڪو ئي پيار، هاٽوڪي ۾ حال ڪونهي ڪو' اها بہ تہ محبت جي مسافري آهي جو پنهنجي پاڻ جي ڳولا ۾ ڪيترو اڳتي نڪري صرف ايترو چوي ٿو، 'مون ڪي تہ منهنجي ڳولا آهي اوهان ڪنهن کي ٿا ڳوليو.'

قلم بہ هڪ مسافر آهي ان جي مسافت، ڪاغذ جي اڻ ڪٽ ميدان تي الائي ڪٿان ٽيندِي ٽيندِي ۽ هلندي رهي ٿي. قلم جي اڻ ڪٽ سفر ۾ جي شاعريءَ جي سونهن ديويءَ جو عشق ٿيو وجي تہ محبتن جون مسافتون، ماتليءَ کان ٿيندي ڪتاب پنن تائين پهچن ٿيون ۽ پنهنجو پورو جوبن پنهنجو پورو جلوو ڏيکارين ٿيون، جنهن ۾ سرجيندڙ جي پنهنجي ئي زندگيءَ جا اولڙا ائين ٿا پاسن چڙهن تہ هي سيني جو درد ساڳيو آهي، ها هونئن بہ تہ درد جو ذائقو دنيا ۾ هڪجهڙو ئي تہ آهي. سندس هي شعر تہ ڏسو:

امیدن جي پُنارڪ ۾ ، ٽُتل ڪي خواب ئي آهن،
اوهان جي نينهن جا مون وٽ اهي تحفا بچيا آهن.

-

يزيدي دور ڏي ٿورو وجو، ذهنن کي موٽائي!
اهي ساڳيا ستم آهن اُها دردن جي دلدل آ.

جڏهن اتر واءُ ۾ سندس جهوپڙي ڪڪائين گهر جي وٿين مان سيرون سيرون ڪندي ايندڙ روشنيءَ سان گڏ ساهہ سڪائيندڙ ۽ جان ڏڪائيندڙ سردي موڪلي ٿي تہ ان وقت هن جي قلم مان جيڪي آڙاهہ نڪرن ٿا سي سچ تہ مچَ جو ڪم ڪن ٿا جنهن تي ويهي هُو ۽ هن جي ڏات ديوي هٿ سيڪين ٿا ۽ انهي تپش احساس توهان هنن سٽن مان حاصل ڪري سگهو ٿا. سندس ٻيو شعر ڏسو:

حنا جا رنگ زخمي هِن، ڳلن جا ڳوٽ ڳوڙهن ۾،
وفائن جون ڪجن ڪنهن کان پڇائون شهر تنهنجي ۾.

هر علائقو پنهنجي پنهنجي تاريخ ۽ تاريخ سان گڏ پنهنجو حسن رکي ٿو، اهڙي حسن کي صرف حساس دل ماڻهو ئي پرکي ڏسي سگهن ٿا ۽ دنيا جي آڏو پنهنجي شاعري وسيلي ئي پکيڙي سگهن ٿا سندس غزل جي هن بند کي توهان ڪهڙي نظر سان ٿا ڏسو اهو توهان تي ڇڏيل آهي:

متان پُلجي ڪڏهن ڪانئر ڪٽي ميري نظر هن ڏي،
سنڌي جوڌا جگر آهيون الئي ڪيئن سنڌ ٽوڙيندو.
تنهنجين ناپاڪ ڳالهين کي مسافر سمجهي ويا آهيون،
نہ هر گز بي خبر آهيون الئہ ڪيئن سنڌ ٽوڙيندو.

سرنهن جو ڦولارجڻ، سورج مکيءَ جا ڦُول. ڪڻڪ جا سنگَ ۽ محبت مان پريل آرس جهڙي اوت کي ڪير سوچي سمجهي سگهيو آهي، جي ڪنهن سمذو آهي تہ اهو ئي آهي هڪ حساس ذهن رکندڙ ذات ڏٺي. سندس حساسيت جي چاشني هن شعر ۾ ڪيڏو نہ شدَ مدَ سان ايري بيٺي آهي ۽ پاڻ هجڻ جي ڳالهہ ڪري ٿي:

عشق اڻموٽ ۾ دل وڃي آ مگر،
بادشاهي حُسن جي سلامت رهي.

هُو سلامتيءَ جو نوڪر عبدالسلام ئي آهي، جنهن کي جڏهن پنهنجي وجود جي ٽڪري جي ڏار ٿيڻ جو، قاتل ذائقي واري جدائيءَ جو پاڻي مليو ٿو تہ هن جي ڏات ديوي اجان وڏيڪ نروار ٿئي ٿي ۽ هن جي آهُن ۽ دانهُن جي اثر کي وڏيڪ اثرائتو ڪري ٿي. سندس جدائيءَ ۾ لکيل هن بند کي ڪهڙي خاني ۾ فٽ ڪندئو:

ضبط جا هي بند اڄن ڪيترا،
ڪربلا ئي ڪربلا آ زندگي.
درد ذرتي فڪر فاقہ روح رت!
روز هڪڙي ٻي سزا آ زندگي.

-

يار افضل[1] تون تہ هليو دور وئين،
مات منهنجي تو سوا آ زندگي.

هُو صرف ماتليءَ کان ماتليءَ تائين يا سندس ذات پائين تائين جو ڪو اولڙو نہ آهي، هن جي اک تہ انتهائي پري تائين نہ صرف ڏسي سگهي ٿي بلڪہ انتهائي ڇِٽو ڏسي سگهي ٿي، هن جو قلم انهي ڏٺل عڪس کي ڪيئن شعر جي گرفت ۾ آڻي ٿو ان جو مزو توهان بہ وٺو:

ست نارائڻ تنهنجي ٿيندي!
پوري سي پرڪار ڏسون ٿا.

هُو باخبر قلمڪار آهي، جڏهن قلمڪار باخبر هوندو تہ سمجهو هن جيڪا راهہ ورتي آهي اها ٺلهي مسافري ڪونهي نہ ئي اجايو ڪو ڪيل پنڌ آهي. هو پوپٽ جي درد کي بہ سمجهي ٿو تہ ديش دروهين طرفان لڳل راتاهَن جي تاريخ کان بہ واقف آهي، هو ڪرشن رنگ ساٿي جڏهن پڙهي ٿو تہ لڳي ٿو هن جي اندر جا الاءُ اسپيڪرمان ٿيندا ڪچهريءَ کي گرمائين ٿا. هُو سدائين محبتن جو مسافر رهيو آهي. هن جي اک ڪنڌ تان ڳوڙهو سڪڻ جو نالو نٿو وٺي. پٽائيءَ جي سٽ، ’پِنَڻ واريون پڌريون.‘ جو جيئرو جاڳندو روپ آهي. سندس شاعري جتي نون لکندڙن کي نوان دڳ ڏيکاري ٿي، اتي هن جا غزل ان پٽڪيل ٻيڙيءَ لاءِ لائٽ هائوس جو ڪم ڪن ٿا جنهن جي روشني جي آڌار، طوفانن ۾ اٽڪيل ٻيڙا پنهنجي منزل تي مسافرن سميت ڪناري لڳن ٿا. سندس هي سٽون تہ انهن جي جيئري جاڳندي تصوير لڳن ٿيون:

اوهين تاريخ ورجائي مون کي منصور جيئن ماريو،
مسافر چو سچائي جا اکر تو هي چيا آهن.

هُو زندگيءَ جي اوکين گهڙين ۾ بہ پهاڙ جيان اڏول رهيو آهي ۽ رهندو باقي سور جون سٽون تہ جبلن مان لاوا ٿي نڪرندي بہ ڏٺيون ويون آهن، انهن جبلن جهڙو سخت سينو بہ چيريو آهي. هي مسافر تہ ڪيڏو نفيس ۽ نازڪ

[1]. افضل: شاعر مسافر هاليپوٽو جو وفات ڪري ويل پُٽڙو.

مزاج آهي پوءِ ڀ تہ مهاڏو اٽڪائي ٿو. سندس ڪيل پورهيو توهان جي هٿن تائين پهچندي ۽ اوهان جي خيالن جي ڪسوٽي تي پرکجندي اجان وڌيڪ نکري پوندو. البتہ ڪٿي ڪٿي ائين ڀ ڀاسي ٿو تہ هن تڪڙ ڪئي آهي، زمين جي چونڊ جي يا ڪنهن فصل پوکڻ جي. غزل، جنهن زمين مان ڦٽي ٿو ان کي تڪڙ ڪلراٺو ڪري ٿي. هڪ اڌ ڏڙي اگر پوري سئو ايڪڙ ۾ ڪلراٺي آهي تہ اتي ڀ سونف پوکي سگهجن ٿا.

آئون تہ صرف ايترو ئي چوندس تہ مون محبتن مان 'مسافر وفائون' کي جيئن پنهنجي اک سان ڏٺو آهي جيتوڻيڪ منهنجي نظر ايتري تيز نہ آهي پر مونکي انهي پوري ڪتاب ۾ واضح ٿيل عڪس، اولڙا، وڙهندڙ ڪردار ئي نظر آيا آهن. وفائون جڏهن مسافريءَ تي نڪرنديون آهن يا هونديون آهن تہ اتي 'مسافر وفائون' جهڙا ڪتاب ئي تخليق ٿيندا آهن ۽ ان کي پڙهندڙ ڀ توهان جهڙا تيز نظر ۽ سچ کي پرکيندڙ ملندا آهن. مون تہ بس پنهنجي وت ۽ وس جي ڳالهہ ڪئي آهي.

**نسيم بلوچ**

مُحبتن جا ڪجهہ اکر

## شاعريءَ سان محبت ڪندڙ مسافر

شاعري اندر جي اُڌمن جو اهو اظهار آهي جيڪو حساسيت جي حسناڪين منجهان فڪر پنڌ ڪندو، اندر جو عڪس ڏيکاريندو آهي ۽ اهڙو اظهار ذات سان خود شناسائي، آگاهي ۽ ادراڪ جا انيڪ در پڻ کولي ويندو آ. شاعراڻا احساس روح ڪي رمز جا اهڙا رنگ ارپي ويندا آهن، جن جي بدولت سوچ تفڪر جو اهڙو تہ اهم احساس جنم وٺندو آهي جنهن سان اظهار جي انداز ڪي وجد جي سرمستي عطا تي پوندي آ. يقينن اهڙو الهامي انداز صرف سُچيت شاعرن ڪي نصيب ٿيندو آ.

سچ پڇو تہ جذبن ڪي شاعراڻو شعور ڏيئي لفظن جي روح پرور رنگ ڪي ڪاغذ جي ڪئنواس تي لاهڻ، هڪ اهڙو من موهڻو عمل آهي جنهن سان روح جون بي قرار رولاڪيون پُرسڪون منزل تي رسي وينديون آهن چو تہ زندگيءَ جي بي رحم حقيقت جو پنڌ جڏهن پير پٿون ڪرڻ لڳندو آ تڏهن لکڻ، پڙهڻ جو اهو عمل ذات جي ادراڪ ڪي خوبصورت خوابن جي تعبير جا خوشنما رنگ ڏيئي، انهيءَ سفر جي زخم زخم پيرن تي پُر عزم پَهو رکي وجڻ جو هنر پڻ جاڻي وٺندو آ ۽ مسافر هاليپوٽو اهڙي هنر کان بخوبي واقفيت رکندڙ سنڌ جي اهڙن ٿورن شاعرن منجهان هڪ آهي جيڪي شاعريءَ ڪي محض شوق جي شعور منجهان ئي نہ پر عشق جي اتساهہ منجهان بہ تخليق ڪندا آهن.

مسافر هاليپوٽي جو غزل نئين نسل جي انهن ٿورن نمائده غزل گو شاعرن ۾ ڪري سگهجي ٿو، جن جي غزل ۾ جمالياتي سونهن سان گڏوگڏ مطالعاتي ذوق ۾ رچندڙ رمز جا رومانوي رنگ ۽ دور عصر جي حقيقت جون هولناڪ

حڪايتون، لفظن منجهان بي باڪ انداز ۾ جهاتيون پائيندي نظر ايندبون آهن. هو سوچ جا سرڪش ساگر وهائيندي چوي ٿو:

اسان جي يار ذهنن تي، سراسر سوڳ طاري آ،
وتئون ڪلندا بظاهر تا، اندر ۾ اشڪباري آ.
ٻٽيون بنجر صفا آهن، زمينون يار ذهنن جون
ڦٽن تا داغ جا توهر، وصل جي واٽ واري آ.
اسان جي عشق جا سجدا، اجايا ڪون ويٺا هن،
محبت سنڌ سان پنهنجي، صدين کان يار جاري آ.
رکي سر ساھ جي بازي، سدا ناتا نڀايا مون،
اجا ٻيي ٿو چوين ساجن، 'مسافر' ئي مياري آ.

مسافر جي غزل جو بي ساخته انداز هُن کي پنهنجي همر عصرن کان ممتاز ڪري ٿو. هن جي لفظن جي رواني بغير ڪنهن رڪاوٽ جي بندَ بندَ جي بامفهوم معنىٰ بيان ڪرڻ جو ڏانءُ ڄاڻي ٿي. هو هڪ غزل ۾ عاجز تي عرض ڪري ٿو:

اسان جي يار خوابن کي ملي تعبير ڪاٿي آ ،
امرتا مان ٻه ماٽيا ڪا اهڙي تقدير ڪاٿي آ ،
اوهان جو ڏوهه ناهي ڪو اسان جو ڀاڳ اهڙو آ ،
ڀلا تقدير جي آڏو هلي تدبير ڪاٿي آ ،

تقدير جيڪا ازل کان انسان پنهنجي هٿ جي لڪيرن ۾ لکرايو آيو آ ۽ تدبير جيڪا هميشه حاصلات جي هَٿَ سان الجهندي رهي آ. مسافر مٿئين شعر ۾ ڪيڏي نه سادگي ۽ پرڪاريءَ سان تقدير ۽ تدبير جي متضاد معنىٰ کي لفظن جو لبادو پارايو آ.

هن ڪتاب ۾ شامل هڪ ننڍي بحر جي خوبصورت غزل ۾ اندر جي اڌمن کي هيئن ٻه اظهاريو اٿائين:

رڳو سڪڻن دلاسن ۾
عمر گذري حجابن ۾
صفا الجهي پيو آهيان

سوالن جي جوابن ۾
اسان کي ماتِ آئي آ
حياتيءَ جي حسابن ۾
ويا ارمان رهجي سڀ
غزل ٻڌجي ڪتابن ۾
اُهي منظر ڪٿي آهن؟
پڙهيم جيڪي نصابن ۾
ڏنو ساقي گڏي مون کي
زهر ڇا لئہ شرابن ۾

مسافر هاليپوٽي جنهن ثابت قدميءَ سان غزل جي زمين تي پنهنجي تخليق جا گل پوکي رهيو آ، يقينن هو پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي جي آبياريءَ سان ان پوک جي پنڌ ۾ مجتا جي منزل جو اهو مٺو ميوو ضرور پائيندو جنهن جي هر شاعر تمنا ڪندو آهي.

حقيقت اها آهي تہ شاعر پنهنجي ڏکن کي اظهار جي طاقت ۾ تبديل ڪري، پنهنجي لفظن کي لازوال سونهن بخشي ويندا آهن ۽ پوءِ اهڙا ئي امر لفظ پڙهندڙن جي جيءَ ۾ جايون ڪري وٺندا آهن. مسافر جو غزل پڙهن واري جي دل ۾ جاءِ گهڙي وٺڻ جو هر هنر ڄاڻي ٿو. هن جي غزل ۾ تفڪر جي تنوار سان گڏو گڏ، حُجتي لفظن جو جڙاءُ موقع مهل جي مناسب سان درست تشبيهن ۽ دل آويز استعارن سميت مثبت اندازِ منظر ڪشي ڪندي ملي ٿو. هو هڪ هنڌ پنهنجي لفظن جو جمال هيئن وکيري ٿو:

سدا دل صحن ۾ رهيا پيار آهن،
چرين چاهتن ڏي اڙيل ٻار آهن.
مريو يار ماڻهو مسافر وجن ٿا،
مگر ڪونہ مرندا ڪي ڪردار آهن.

هڪ ٻئي هنڌ هُو پنهنجي لفظن جي ذريعي حُجت هينئن بہ ڪري ٿو:

سزائون پلي ڏيو سزاوار آهيان،
ڪيا ڏوهه مون هن وفادار آهيان.
وطن جي مٽيءَ کي چيو ماءُ مون آ،
امڙ تو مٿان گهور سئو بار آهيان.

مسافر جو غزل هن دور جو اثرائتو اظهار آهي، پر هن کي پنهنجي غزل کي وڌيڪ وسعت ڏيڻ جي ضرورت آهي. هن کي مخصوص موضوعن سان گڏو گڏ تصوف، مزاحمت ۽ قومپرستيءَ تي قلم کڻڻ جي ضرورت آهي. هن کي غزل کان سواءِ ٻين صنفن تي پڻ طبع آزمائي ڪرڻ گهرجي. مسافر جا غزل گهڻو تڻو مجازي محبت تي چيل آهن. هن کي اجان ٻين موضوعن تي به طبع آزمائي ڪرڻ جي صلاح ڏجي ٿي.

هونئن ته عشق مجازي اهڙو سفر آهي جيڪو عشق حقيقيءَ ڏانهن پنڌ ڪرائيندو آهي. مسافر پنهنجي زندگي ۾ تمام گهڻا ڏک ڏٺا جيڪي هن جي تخليق منجهان نروار نظر اچن ٿا، پر اولاد جي وڇڙي وڃڻ جو ڏک يقينن سيني ڏکن تي ڀاري نظر ايندو آ ۽ يقينن اهڙو ڏک اندر ۾ سوز گداز پيڙا سان گڏو گڏ صبر کي ساٿي بڻائي ويندو آ، اهڙا ڏک بردباريءَ سيڪارڻ سان گڏوگڏ دل کي درويش به بڻائي ويندا آهن. مسافر ڏک جي ان انتهائي مقام کي شاعراڻي ڪيفيت سان هيئن بيان ڪري ٿو:

تنهنجا منهنجا سڏڪا ساڳيا،
سورن جهڙا سپنا ساڳيا.
لڙڪن پاڻي ساڳيو آهي،
ٻلڙن تي هن رستا ساڳيا.
ذات به ڏائڻ ڏنگ هڻي ٿي،
جهيرون جهيرون جذبا ساڳيا.

تو مان تنهنجي جان ڪڍي ويو،
آهه چڏي ويو هڏڙا ساڳيا.

يار اسير به افضل ساڳيو،
سڄڻ پوڳيا صدما ساڳيا.
هاڻي آهن يار اسان وٽ،
يادون خالي هٿڙا ساڳيا.
هار ’مسافر‘ آثم جي ٿي،
جڳ ۾ آهيون جيئرا ساڳيا.

مسافر جو غزل زندگيءَ جي انهن تلخ و شيرين ڪيفيتن جو غماز آهي، جنهن جي زير اثر ماڻهوءَ جي زندگي ڪڏهن سکن جي سيج سمان ٿي پوندي آ ۽ ڪڏهن ڏکن جي ڏوجهرن ۾ ڦاسي پوندي آ. هو اهڙن وارتائن جو اظهار هن ريت به ڪري ٿو:

پڄي پروسا ٿي پيا پور آهن،
ڏٺا دل ڏکن جا وڏا دور آهن.
ڪٿان هاڻي انصاف ملندو نه يارو،
چڱا مڙس چونديا ويا چور آهن.

ڪربلا جي واقعي کي ساري مسافر جو غزل هن طرح ماتمي ويس اوڍي ٿو:

ڪيان چو ڏيک جا ماتم، اندر سارو ته ڪربل آ،
اهو منظر سڄو سارو اکين آڏو ته هر پل آ.
ڪري ڪهڙا ڪري ماتم مسافر ڪي پڌائي ڪو،
لڳي ٿس باهه سيني ۾ پيو روئيندو هو پل پل آ.

مسافر هاليپوٽو جو پهريون مجموعو ’مسافر وفائون‘ يقينن باشعور پڙهندڙن جي ذوق جي تسڪين ڪندو. نيڪ خواهشات سان گڏ ’پنهنجي غزل‘ جا ڪجهه شعر هُن جي نالي ڪندس:

وِڪَ وِڪَ خدشا اٽڪيا هاڻي!
ٽڪجي جذبا پٽڪيا هاڻي!

جيون جو چا حاصل آهي؟
درد اکين مان مرڪيا هاڻي!
پيار گهتي ڪا بند گلِي هئي،
دل جا صدما سهڪيا هاڻي!
دشمن ڏي پيا هٿ وڍايون،
دوست سمورا پرڪيا هاڻي!
مرڪون مستيون سپ مرجهايون،
بي ڪَل جذبا سڏڪيا هاڻي!

**سيما عباسي**

**ڪراچي**
10 مارچ 2019ع

مُحبتن جا ڪجهہ اکر

## مسافر سان منهنجا روحاني رشتا

محبتن جي هن مسافر سان منهنجا روحاني رشتا تمام گهڻا گهاتا ۽ ازلي آهن. اُهي ناتا ان قدر گهرا آهن جو اسان نہ صرف ڏک سک هڪ ٻئي سان بي حجاب ٿي ونڊيندا آهيون.پر هر غميءَ خوشيءَ ۾ هڪ ٻئي سان ڀاڱي ڀائيوار آهيون.

غميءَ جي ڳالهہ ايندي ئي اول اهو ذڪر ڪرڻ نهايت ضروري ٿو سمجهان، تازو منهنجي جاني ياءُ مسافر ڪي سندس جاني فرزند افضل جي ابدي وڇوڙي جيڪو گهاءُ ڏنو آهي، اُن ڪي مون بہ پنهنجي تن من ۾ اوتري گهرائيءَ سان محسوس ڪيو آهي ، منهنجو پيارو ڀائيٽو افضل نہ صرف مسافر جي دنيا ڪي ويران ڪري ويو آهي پر اُهو يقين سان چوان ٿو تہ سندس لاءِ منهنجي دل بہ ايتري ويران ۽ اداس آهي. شال رب پاڪ منهنجي جاني ياءُ مسافر ڪي پنهنجي پياري فرزند ۽ مون ڪي پنهنجي پياري ڀائيٽي افضل جي وڇوڙي جو غم سهڻ جي توفيق عطا فرمائي - آمين.

ڳالهيون ان جڙاءُ سان ڪجن اول تہ هڪ شاعر جي حيثيت کان الڳ ٿي ڪري بہ منهنجا مسافر سان تمام ويجها ۽ اڻ ٽُٽ لاڳاپا آهن ۽ مسافر جي شخصيت مون ڪي منهنجي جاني ياءُ جيئان محبوب رهي آهي ۽ انشاءَ الله تاحيات رهندي !!

ان کان علاوه مسافر سان منهنجو جيڪو ٻيو ويجهڙو ۽ پختو روحاني رشتو آهي اُهو اِهو تہ اسين ٻئي هڪ ٻئي جا همعصر شاعر آهيون اها خبر نہ آهي تہ مسافر جو اثر مون ۾ آهي يا منهنجو اثر مسافر ۾، پر جيتري قدر اسان

جي پاڻ ۾ ويجھڙائپ آهي تہ ان ۾ فرق صرف ايترو آهي جو مسافر جو اندازِ بيان پنهنجو آهي ۽ منهنجو پنهنجو آهي. مجاز ۾ مسافر وٽ پنهنجي محبوب جو عڪس ۽ ساڻس مخاطب ٿيڻ جو انداز ۽ لهجو پنهنجو آهي ۽ مون وٽ منهنجي محبوب جو عڪس ۽ مخاطب ٿيڻ جو انداز پنهنجو آهي. باقي سنڌ امڙ لاءِ اسان ٻنهي جي سوچ لوچ ۽ منزل هڪڙي آهي اهو شايد اسان جي روحاني رشتي جي گهرائي جو ئي ڪارڻ آهي جو اسان جا خيال بہ هڪ ٻئي سان ايتري ويجهڙائپ رکن ٿا.

مسافر جو وفائون واقعي بہ مسافر رهيون آهن. مسافر پنهنجي ذات جي خول ۾ ڪڏهن بہ نہ آهي رهيو، مون هن کي هميشہ مون ۾ سمايل محسوس ڪيو آهي ۽ اهڙي طرح هن کي ٻين ۾ بہ سمايل ڏٺو اٿم. مسافر سچاين جو وسيع سفر طئي ڪندي اُتر ڪان لاڙ ۽ ڪاڇي ڪان ڪجلاس، ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين جيڪي محبتن جا نقش سنڌ امڙ جي نقشي جيئان پنهنجي شاعريءَ ۾ چِٽيا آهن، انهن ۾ وفائن جا اهڙا تہ اجرڪي پوَرَ پريا اٿس، جيڪي سندس روحاني رنگ جيئان پڪا، پُختا، چِٽا ۽ ڪڏهن بہ نہ متجندڙ آهن.

مسافر جي شاعري لاڙ جي ٽُڪ واري رليءَ جيان خوبصورت ۽ رنگين آهي. هن جي شاعريءَ ۾ سنڌ جي انيڪ ٻرندڙ مسئلن تي سندس رُوحَ اُجلون ڪنهن سامونڊي وير جيئان نظر ايندي‌ون آهن جيڪي سنڌ امڙ مٿان ٿيندڙ هر ڏاڍ جبر کي لوڙهي وجھڻ گھُرن ٿيون.

مسافر جون اکيون هميشہ سنڌ امڙ جي مٿان امن جو سج اُڀرڻ جي اوسيئڙي ۾ رهيون آهن. مسافر پنهنجي لڙڪن سان سنڌ جي مٽيءَ کي آلو ڪري جيڪي اُميدون پوکيون آهن آئون يقيناً انهن جا سلا مورندي ڏسان پيو. اُهي ڏينهن دور نہ آهن جو سندس شاعريءَ جو خواب پنهنجي فڪري ساڀيان ماڻيندو. آئون دعاڳو آهيان تہ مسافر هميشہ اهڙي دليري ۽ بي باڪي سان لکندو رهي - آمين.

**تاج سنڌي**

مُحبتن جا ڪجهہ اکر

## سنڌي ادب جي تاريخي منزل جو مسافر

سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو شاعر ۽ ڪهاڻيڪار مسافر هاليپوٽو 5 فيبروري 1978ع تي بدين ضلعي جي تعلقي ماتليءَ جي ڳوٺ ’حاجي راهُو هاليپوٽو‘ ۾ پيدا ٿيو. سندس اصل نالو عبدالسلام هاليپوٽو ۽ سندس والد جو نالو حاجي رمضان هاليپوٽو آهي. مسافر انٽر تائين تعليم حاصل ڪئي ، 1989ع کان شاعريءَ جي سفر جو مسافر بڻيو. سندس پهريون غزل 1996ع ۾ عبرت اخبار ۾ ڇپيو. جنهن کانپوءِ سندس تخليق جا جوهرَ هر سنڌي اخبار ۽ رسالي جي صفحن تي جرڪندا رهيا.

شاعريءَ جي مختلف صنفن جهڙوڪ غزل، وائي، ڪافي، بيت ۽ ٽيڙو سان گڏ هن ڪهاڻي ۽ مضمون جي صنف تي پڻ بهترين قسم جي طبع آزمائي ڪئي، هن وقت تائين شاعري ، ڪهاڻين ۽ مضمونن جي صنف تي مشتمل سندس تخليقي مواد جا لڳ ڀڳ چار مجموعا اڻ ڇپيل صورت ۾ موجود آهن، جيڪي ڇپائيءَ جو تاج پهرڻ لاءِ بيچين آهن. مسافر هاليپوٽو ’سانوڻ فقير ادبي تنظيم‘ جو صدر، ’مهراڻ ادبي سٿ‘ جو اڳوڻو جوائنٽ سيڪريٽري ۽ جنرل سيڪريٽري رهيو. هن وقت ’ماس‘ جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جو ميمبر آهي. سنڌي ادبي سنگت شاخ ماتليءَ جو جوائنٽ سيڪريٽري پڻ رهيو. ڪيس هالار ۽ سنڌ رنگ ڊائجسٽ ۾ بهترين شاعر ۽ ڪهاڻيڪار طور ’ڪاوش گروپ آف پبليڪيشن‘ پاران 2002ع ۾، مڃتا سرٽيفڪيٽ، ڀٽائي آرٽس سرڪل ضلعي بدين پاران 14 آڪٽوبر 2014ع تي بهترين شاعر جي ايوارڊ سان نوازيو ويو.

هن ازدواجي زندگيءَ جو سفر مائٽن جي منشا موجب شروع ڪيو. جنهن مان ڪيس ٻن معصوم گُلڙن جي خوشبوءِ پلئہ پئي، جنهن ۾ هڪ پُٽ احمد

علي ۽ هڪ نياڻي سونهن شامل آهن . سانوڻ فقير جي سرزمين جي مٽيءَ مان ڳوهيل هي شخص مونکي سنڌي ادب ۾ نثر بيت جي صنف وانگر نظرانداز ٿيل تخيل جيان لڳندو آهي ، جنهن جي خيالن، سوچن ۽ جذبن کي ڪو سُندر سانچو نہ ملي سگهيو آهي جيڪو هن هِيري کي دل جي سچائي سان تراشي، ادبي ذوق جي ڪنهن شوڪيس ۾ پذيرائيءَ جي خوشبوءَ سان معطر ڪري سجائي سگهي. پنهنجي مزاج ۾ هميشہ سادگيءَ جي تسبيح سوريندڙ، سنڌي ادب جي جنت ۾ پنهنجو باغ جوڙڻ جي جاکوڙ ۾ هن مسافر تڪليفن ۽ مشڪلاتن جا بي انتها پٿر پور پور ڪري، پنهنجي سفر کي سڦل بنائڻ جي جستجو ۾، سچ جي تپش کي اکيون ڏيکاريون آهن تہ چنڊ جي چانڊاڻ کي بہ شرمايو آهي.

هي ادبي ذوق جي جنون واري جنگ ۾ رات جو پروانو ٿي جليو آهي تہ فجر جي ماڪ ڦڙن جيان وسيو بہ آهي تہ تاڪ منجهند جو پتنگن جيان پچيو بہ آهي تہ شام لڙيءَ جي پاڇن کي ٽڪايو بہ اٿس. ڪهاڻيءَ جي ڪيتر ڪان وٺي شاعريءَ جي مجلسن تائين هن ادبي ميدان ۾ بنا ڪنهن مايوسيءَ جي همت ۽ حوصلي سان ڪم ڪيو آهي. هن قلم جي نوڪ ڪان تلوار جو ڪم وٺندي، فرضن جي ادائيگيءَ جا سمورا سجدا پنهنجي پوري سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ سان ادا ڪيا آهن. سماج جي طبقاتي اڻ برابريءَ کي هن لفظن جا تير بہ هنيا آهن تہ ڌرتيءَ ڌڻين جي مسئلن تي هن پنهنجي سوچن ۽ جذبن کان پٿر وسائڻ جو ڪم بہ سوچي سمجهي ورتو آهي، هي جنهن بہ ادبي مورچي تي بيٺو آهي، اتي هن ڪروڌ جي هر طوفان آڏو مستقل مزاجيءَ جون ميڻ بتيون جلائي رکيون آهن. مفلسيءَ جي نانگ ڪيس ڪڪڻ جون ڪيتريون ئي ڪوششون ڪيون آهن پر هو گوڏن ڀر گسڪي بہ پنهنجي ذوق ۽ شوق جي پنهون تائين ضرور پهتو آهي. ان ويڙهہ ۾ پير پٿونءَ ڪرڻ باوجود بہ هن پنهنجي ڪردار کي هر لمحي داغدار ٿيڻ کان بچائي رکيو آهي. هي سنڌي ادب جي تاريخي منزل جو مسافر نوريءَ جي حُسن جهڙي ذات جو تماچي آهي، هي سير ۾ ٻڏل سُهڻي جو دِلو بہ آهي، هي مارئي جي مُلڪ جي اڻ مِٽ محبت جو سفير آهي، هي مومل جو ماڻو بہ آهي تہ سنڌي ادب جي ليليٰ جو مجنون بہ آهي، مسافر هاليپوٽو سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت جو عاشق، دراوڙي تهذيب جي روايتن جو امين بہ آهي، جنهن جي

محبت جو محور صرف ۽ صرف سنڌ آهي. ان سنڌ جا ماروئڙا ئي سندس حقيقي محبوب آهن. شال سندس ايمان سان گڏوگڏ سندس عشق بہ سدائين سلامت رهي، سندس تخليق جي چنڊ کي ڪڏهن بہ ڪا گرهڻ نہ لڳي، هميشہ بهارون سندس وجود کي ڇُهنديون ۽ چُمنديون رهن.

**اعظم پٽي**

شاعر پاران

## مان جو ئي آهيان، سو ئي آهيان

مون ادنیٰ خادم جو پهريون ادبي پورهيو ’مسافر وفائون‘ جي روپ ۾ اوهان تائين پهتو آهي. جنهن ۾ پنهنجي پاران ۾ پهريان ته ڪجهه تفصيل لکڻ جي ڪوشش هئي ته جيئن انهن ’مسافر وفائن‘ جي سفر ۾ ڪيل پنڌن ۾ رتورت ٿيل جذبن ۽ احساسن جا ڪجهه نشان اوهان ڪي به پسائجن پر طبيعت جي ناسازگيءَ ۾ اهو ممڪن نه رهيو.

ماءُ پي ڪي نياڳو ٻار به منو هجي ٿو. ائين ئي هر تخليقڪار ڪي پنهنجي تخليق تمام پلي لڳندي آهي ان تخليق جو فيصلو صحيح معنیٰ ۾ سٺا پڙهندڙ ئي ڪري سگهندا آهن. انڪري آئون به پنهنجو ڪچو ڦڪو ادبي پورهيو، توهان باشعور سڄڻن جي هٿن، اکين ۽ ذهنن تائين پهچائي، پنهنجي تخليق تي اوهان جي فيصلن ۽ راين جو منتظر ٿو رهان.

پنهنجي باري ۾ بس ايترو ئي لکندس ته آئون نج ٻهراڙيءَ جو سادڙو ماڻهو آهيان. منهنجي پوري خاندان جو علم ۽ادب سان ڪو به رشتو نه آهي. پنهنجي پوري خاندان ۾ گهٽو پڙهيل آئون ئي آهيان، سو به انٽر جي هڪڙي سبجيڪٽ ۾ فيل آهيان. وڏي بدقسمتيءَ جي ڳالهه اها آهي ته اسان جي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول جي رڪارڊ ۾ 1921ع جا رجسٽر پيل ڏٺا هئم، پر هي سٽون لکڻ تائين سوا سئو گهرن تي مشتمل ڳوٺ مان رڳو هڪڙو ماڻهو پوليس جو سپاهي بڻجي سگهيو آهي.

هن ترقي يافته ۽ روشن دور جا اسان اهي ترقي پسند جاهل آهيون جيڪي اڄ به سرداري ۽ جاگيرداري نظام جي غلاميءَ جا طوق پنهنجي ڳچين ۾ وجهي فخر محسوس ٿا ڪريون. اسان جو ڳوٺ اڄ به مڪمل اونداهين ۾ ٻڏل آهي.جياپي جي هر بنيادي سهولت کان محروم منهنجي ڳوٺ جا ماڻهو اڄ به جنن ڀوتن جي چڪرن ۾ ڦاسي سيدن ۽ پيرن فقيرن جي تعويذن ۽ چٺين ۾ زندگي گذارين ٿا. بس ڪوڙين انائن ۽ منافقين جي پاسداري ڪندي، منهنجا پنهنجا وڏو فخر محسوس ڪندا آهن.

منهنجو شاعر ٿيڻ هتي ماڻهن کي بلڪل به پسند ناهي. آئون انهن جي نظر ۾ صفا واندو، بيڪار ۽ فضول ماڻهو آهيان. اهڙي ماحول ۾ رهندڙ 'عبدالسلام هاليپوٽو' اڄ 'مسافر هاليپوٽو' بڻجي، انهن آڏو بيٺل آهي. اهو سڄو ڪٺن سفر ڪيڏو نه ڏکوئيندڙ ۽ ايذائيندڙ گذريو هوندو، اهو اوهان منهنجي شاعري پڙهي، تصورن ۾ سوچي ڏسجو.

مون ذات جي ڏيهه ۾ 1989ع کان پيرڙا ڪنيا. نه ڪو ٻُڌڻ وارو هو نه ڪو سمجهڻ ۽ سمجهائڻ وارو هو. اندر جون اذيتون ۽ من جي ولوڙ هئي، جيڪا قلم جي نوڪ سان چنبڙي، ڪاپين جا پنا ڪارا ڪرائيندي رهي هئي. 1996ع ۾ پنهنجو پهريون غزل 'عبرت' اخبار جي 'ادبي صفحي' ۾ ڇپيو هو، اُهو ئي غزل منهنجي پهرين تخليق هو. سمجهو ته اها تخليق منهنجي تحت الشعور جو معجزو هئي، ڇو ته ان غزل ۾ سنڌوءَ جي ڪنارن تي مليل محبوبا جي جدائيءَ جا عڪس چِٽيل هئا ۽ ان تخليق سرجڻ تائين آئون صرف هڪ ڳوٺاڻو سادڙو موڳو ڇوڪرو هئس، جنهن سنڌوءَ جا ڪنارا ته ڇا پنهنجي آسپاس جا شهر به ڪونه ڏٺا هئا.

مون کي ننڍپڻ کان ئي ڪوڙ ۽ منافقين کان سخت نفرت هوندي هئي، پر جيئن وقت گذرندو ويو، شعور جوان ٿيندو ويو تيئن انا پرستيون، حسد، ساڙ ۽ تعصب ملندا رهيا. سماجي اڻ برابري ۽ تعصب پٺي اندر کي جنجهوڙي ۽ ولوڙي رکيو، اهو ئي سبب هو جو ذات مون تي مينهن جي اوهيرن جيئان برسندي رهي. سو به بغير ڪنهن استاد جي اصلاح جي. بس ذات ۽ ذات هئي، ان ۾ منهنجي علم ۽ ڏانءُ جو ڪو به ڪمال نه هو. انهن ڏينهن ۾ منهنجي من ڀاونائن کي سمجهڻ وارا صرف ٽي ماڻهو هئا. هڪ بابا، ٻي امان ۽ ٽيون

منهنجي ننڍپڻ جو دوست شاهد علي هاليپوٽو. رحمدل ۽ سباجهڙي طبيعت جو مالڪ شاهد هاليپوٽو، منهنجي ڳوٺ جي وڏيري جو وڏو پٽ آهي. پاڻ اڄ ڏاڪٽريءَ جهڙي معتبر پيشي سان واڳيل آهي مون کي سندس ڪيل سمورا وڙ ياد آهن. منهنجي زندگيءَ جي آخري دم تائين آئون سندس قرب جو قرضي رهندس.

مون شاعريءَ جي سفر جو مسافر ٿي سدائين سچائيءَ جا زهر پيتا آهن. سچ جي انهن زهرن کي پيئندي مئو نه ڪٽي آهيان پر مري وڃڻ جي ڏک کان به گهٽيون اذيتون پوڳي چڪو آهيان. هڪ آئل ڪمپنيءَ ۾ سيفٽي سپروائزر طور ڪم ڪندو هئس، سڄي ڪمپني ۾ نوَي ماڻهو ڪم ڪندا هئا، جن ۾ سنڌي صرف 13 ڄڻا هئاسين. هڪ هيلپر ڇوڪرو جنهن جو تعلق چانديا ذات سان هو، سو روزانو صبح جو دير سان پهچندو هو، جنهن ڪري روز ڪمپنيءَ جو جي ايم ڪيس چڱي خاصي جُٺ ڪندو هو، سو ڇوڪرو روز ٻانهون ٻڌي ڪيس چوندو هو ته، ”سائين پهرين گاڏي ۾ نڪرندو آهيان اها ئي هن ٽائم تي ٿي پهچائي.“ پوءِ به اهو ڄ ايم ان جي مجبوريءَ کي سمجهڻ جي نه ڪندو هو ۽ هر روز سڄي سڄي اسٽاف جي اڳيان ان معصوم جي بيعزتي ڪرڻ ان جو معمول هيو. ائين ئي هڪ ڏينهن اسان کي ڪمپنيءَ جي ٽيم سان گڏ ٽنڊو محمد خان ورڪشاپ کان گولاڙچي احمد راڄو کان به اڳيان زيرو پوائنٽ تي وڃڻو هو، سو ان ڏينهن به اهو هيلپر ڇوڪرو اها ئي دير ڪري پهتو. ان تي جي ايم صاحب بي ادبيءَ جون حدون وڃي لتاڙيون هيون باقاعده ماءُ ۽ ڀيڻ تي گاريون ڏيڻ لڳو هو. ڏٺم ته ان مهل ان ڇوڪري جون اکيون ڀنل هيون ۽ ڇپن ۾ رڪٽي هئس، اهو منظر ڏسي مون کي ڄڻ باهه وڪوڙي وئي هئي. سوچيم ته اسان جا حق اسان جا وسيلا اسان پوءِ به ڪيئن نه يتيم ڇورڙن جيان ماڻهن جون گاريون سهي رهيا آهون. نيٺ اندر جي باهه ڀڙڪو ڏئي چپن تي اچي ويئي هئي، ”سر اسان ورڪر سڀ اوهان جا ٻچا آهيون، ان ڪري اوهان کي هن ورڪر سان ادب ۽ اخلاق سان ڳالهائڻ کپي.“

جنهن تي جي ايم صاحب ٻُڪئي شينهن جيان گجگوڙ ڪري مون ڏانهن وريو ۽ مون کي ڪالر مان جهلي چيائين، ”مون کي خبر آهي ته اوهان کهڙي زبان سمجهندا آهيو. ان ڪري مون کي اها ٻولي ڳالهائڻي پئجي وئي.“

سندس اهڙا جملا مون تي وچ ٻڏجي ڪريا هئا چيومانس، ”سر اوهان جو اهو لهجو انتهائي خطرناڪ آهي مهرباني ڪري ائين نه ڪيو.“

ان تي باهه مان ڳاڙهو پيلو ٿي چيائين، ”پوءِ پلا اوهان ئي ڪٿي مون کي ڪجهه سيکاريو.“ ان تي مون خاموشي بهتر سمجهي پر هُو اڳتي وڌي آيو ۽ آڱر منهنجي ڇاڙيءَ کان ڏئي، اهو ئي جملو ورجائيندو رهيو ته. ”سمجهايو نه اوهان ڪجهه مون کي.“ آئون پوئتي هٽندو پئي ويس ته هُو شيطانيت سان مون کي هيسيندو هارائيندو، پوئتي ڌڪيندو ويو، پويان لوهه جو ڪنٽينر هو. آئون وڃي ان سان ٽڪرايس پر هن جي گندي زبانَ ۾ ساڳيا گندا لفظ تيرَ بڻي اندر ۾ لڳندا رهيا ۽ نيت منهنجي صبر جا بند ٽُٽي پيا. ڪڇ ۾ ڪنيل ٿلهو متارو فائل پاسي ۾ پيل اسٽول تي رکي، ٻه قدم پوئتي هٽي، پنهنجي پوري قوَت سان ٻه زوردار چماٽون جي ايم جي ڳاڙهن ڳلن تي وهائي ڪڍيم. جنهن سان اتي بيٺل سڄي ٽيم تي عجيب سڪتو طاري ٿي ويو ۽ مون پنهنجي ٽيم کي وين ۾ ويهڻ جو چيو. ساڳيو فائل ڪڇ ۾ ڪري وين ڏانهن وڌي ويس. خوف جو اهو عالم هو جو ٽنڊو محمد خان پوائنٽ تائين وين ۾ ڄڻ ماٺهو ئي ڪونه هو. ڇا ته حيرت جو مقام هو. شام پنجين بجي تائين ڊيوٽي ڪري واپس ٽنڊو محمد خان پهتاسون. آئون پنهنجي بائيڪ کاهي گهر روانو ٿي ويس. ٻئي ڏينهن جو صبح جو ڪال آئي، ”اسان اوهان کي فارغ ڪري ڇڏيو آهي.“ اهڙي طرح آئون پنهنجو روزگار وڃائي بيروزگار ٿي ويهي رهيس، پر ان ڳالهه جو مون کي ڪو به پڇتاءُ ڪوبه ڏک ڪونه ٿيو هو، ڇو ته سچائيءَ جو ڪنڌ جهڪائي جيئڻ کان مرڻ سئو دفعا ڀلو سمجهندو آهيان. پر وڏو ارمان ان گهڙيءَ ٿيم جڏهن خبر پئي ته اهو هيلپر ڇوڪرو، ان ئي ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪندو رهيو هو. پاڻ ان کي ترقي ڏئي ويلڊر جو هيلپر ڪيو ويو.

سچاين جا اهڙا ڪيترائي زهر ڪڏهن پنهنجن هٿان پيئڻ لاءِ مليا ته ڪڏهن پراون هٿان مليا پر مُرڪي پي ويس. اهڙن وقتن ۾ اها شاعري ئي هئي، جنهن مون کي جيئڻ جون آٿتون ڏنيون. مون زندگيءَ جي ڏکن ۽ اذيتن سان ايترو ته جهيڙو آهي، اڄ لکڻ ويٺو آهيان ڪجهه اهڙيون من پاوناٺون ذهن تي تري آيون آهن جن کي پنن جي ٻي جان ٽڪرن تي اتارڻ لاءِ لڙڪن جا درياءَ جهاڳڻا پوندا. ڪڏهن رشتن ۾ ويساهه گهاتين رت رئاڙيو، ڪڏهن ماٺهن جي

منافقين ماريو، ڪڏهن دوستن جي روين اندر ۾ آريون وڍيون، ڪڏهن غربت جي گهاٽي ۾ پاڻ کي پيڙهبو محسوس ڪيم، پوءِ به جيئڻ جون سڀ حسرتون جوان ٿي رهيون اتم. پنهنجي ازدواجي زندگي پنهنجي والدين جي خوشين سان سلهاڙي ڇڏيم. پنهنجي مامي جي ڌيءَ سان لائئون لڌم، جنهن مون پٽڪيل مسافر جي زندگي ۾ خوشين جا چند اياري ڇڏيا. مون کي آلله رب العزت ٻن پٽن ۽ هڪ نياڻيءَ جي اولاد سان نوازيو. وڏو احمد علي، ان کان پوءِ ڌيءَ سونهن راڻي ۽ ان کان پوءِ منهنجي روح جو رانديڪڙو منهنجو پيارو افضل جاني.

هونئن ته زندگيءَ جا سڀ ڏک 'ڏنا جي ڏاتار سي جهولي پائي مون جهليا' جي آڌار اندر ۾ اوتيندو رهيس، پر جڏهن اوچتو افضل جانيءَ کي بخار ٿي پيو. صبح ۽ شام ڊاڪٽرن جا چڪر ڪٽيم، پر ڪٿان به ڪا شفا نه ملي نيٺ اوچتو صبح جو نوين وڳي ڌاري بي رحم بخار منهنجي افضل کي گهڻو تنگ ڪري وڌو ۽ ڪيس جهٽڪا اچڻ شروع ٿي ويا. آئون ۽ ڀاءُ محبت ان پل ٿي افضل جانيءَ کي موٽر سائيڪل تي کڻي قلڪارا شهر طرف روانا ٿياسين، رستي جا ڪڏا ڪوہا ڏسڻ ۾ ئي ڪونه ٿي آيا. رستي ۾ ڀاءُ محبت جو گهٽيل سڏڪو ڪنن تائين پهتو ته، "ادا گاڏي تيز هلاءِ..."

پهريون پيرو مون کي ڪرين نما ان رستي تي گاڏي وڏي اسپيڊ سان هلائي هئي قلڪارا پهتاسون، جتي ڊاڪٽرن ٽنڊو محمد خان وڃڻ لاءِ چيو. ميمڻ اسپتال ۾ منهنجي دوست ۽ ڳوٺائي ڊاڪٽر شاهد جي معرفت بهترين علاج نه ٿيو پر انهن حيدرآباد وڃڻ جو چيو. بهرحال دوستو درد جو داستان به لکڻ کان گهڻو آهي.لکندي لکندي هانو ڇڄي رهيو اتم. ٽنڊو محمد خان کان حيدرآباد پهتاسون. ملڪ ايلزبيٿ اسپتال ۾ ڊاڪٽر فاروق ميمڻ معرفت پهتاسون، انهي سڄي ڊڪ ڊوڙ ۾ ڊاڪٽر شاهد جا پل پل ڪيل پيرا سندس ڏنل آٿتون وساريان ايترو مسافر اٽاسي ناهي!!

سوين حيلا هلاياسين پر قڪين کي فرق جو امر نه هو سو نه ٿيو. ان دوران سوشل ميڊيا فيسبوڪ تي ڇڏيل پوسٽ پڙهي، هند سنڌ جي يائرن ۽ ڀينرن جون دعائون به ياد اتم. حيدرآباد کان ڊاڪٽرن ڪراچي وڃڻ لاءِ چيو اها گهڙي اهو پل، ذهن جي اسڪرين تي اهڙو ته چٽجي ويو آهي جو هڪ پل به وساري نه

پيو سگهان. بيهوشيءَ جي حالت ۾ جانيءَ جي ڪليل اکين ۾ جيڪي سوال هئا جيڪي ميارون هيون. تن جا جواب آئون ڪيس ڏيئي نہ سگهيس. ۽ ان معصوم کي ان مرض جي منهن مان ڪڍي نہ سگهيس. سندس معصوم سوالن ۽ معصوم لڙڪن کي ساڻن گڏ وٺي اچڻ ۾ ناڪام ٿي ويس ۽ ڪراچي مان سڀ ڪجھ هارائي ڳوٺ پهتس.

يارهين محرم جو صبح هو، جو افضل مون کان منهن موڙي ان پار هليو ويو، جتان اڄ تائين ڪوبہ واپس ناهي وريو ... مٿي لکيو اٿم تہ 'ڏنا جي ڏاتار سي جهوليءَ پائي مون جهليا.' جي آڌار تہ گهٽو ڪجھ سهي ويس، پر جڏهن 'مون کي چاڙهي چيئن، ويو وڻجارو اوهري.' جو ڏک مليو تہ ان مون کي صفا ٽوڙي مروڙي وڌو. جيءَ جُهري پيو اٿم سچ پچ تہ ڪو اهڙو پل ناهي گذريو، جنهن ۾ افضل جون اکيون اکين سامهون ناهن آيون. مون سان ڏک ونڊڻ لاءِ ادب جي دنيا جا تمام گهڻا دوست مون وٽ پهتا هئا، پر جن سوشل ميڊيا ذريعي پنهنجي ذات جون ٻانهون روائي، مون کي آٿتن جا پاڪر وڌا، تن جڻ مون ناچيز کي رِڍءَ ناٽي خريد ڪري ڇڏيو. تن ڏينهن ۾ منهنجي حالت صفا رحم جوڳي هئي، ڪافي دوست آيا مون کي ڳَلي لائي آٿتون ڏنائون. پيارو دوست تاج سنڌي منهنجي حالت تي ڏاڍو فڪرمند ٿي پيو. نيٺ افضل جانيءَ جي ٽيجهي تي آيو ۽ منهنجي ڊائري گهريائين. پڇيومانس، "ادا ڊائريءَ کي ڇا ٿو ڪرين؟"

چيائين، "تنهنجو مواد ڪمپوز ٿا ڪيون، تنهنجو ڪتاب ٿا آڻيون."

بس ائين ئي دوستن جي محبتن سان منهنجو پهريون ادبي پورهيو ڪتاب جي شڪل ۾ اچڻ جي منزل تي اچي پهتو. سڀ کان پهريان ٿورائتو آهيان ادا تاج سنڌيءَ جو، جنهن منهنجي وڪريل وجود جي درد کي ايترو گهِرائيءَ سان محسوس ڪيو ۽ درد جي صحرا ۾ ڀٽڪندڙ هڪ مسافر کي هڪ نئين ماڳ ڏانهن موڙيو تہ جيئن آئون درد جي ڪڙاڻ کي آهستي آهستي پاڻ ۾ برداشت ڪيان. ڪجھ ئي ڏينهن ۾ ڪتاب جو مسودو ڪمپوز ٿي پهرئين پروف لاءِ مون کي ڏنو ويو، جنهن بعد ڪتاب جو مسودو مهاڳ لاءِ سنڌ جي نامور شاعر 'مان، موکي ۽ مڪلي'، 'خوابن جو لانگ مارچ' ۽ 'مرڪ مهانگي نہ ٿئي' جهڙا انمول ڪتاب سنڌي ادب کي ارپيندڙ محترم سائين نسيم بلوچ

وٽ پهتو، جنهن جي محبتن جي ميناج، اندر ۾ اوتيل سمورن دردن جي ڪڙاڻ ڪي گهڻي حد تائين ماٺو ڪيو. بندو سندس بي مثال محبتن جو آخري دم تائين قرضدار رهندو.

اتان ئي ڪتاب جو مسودو سنڌي ادب جي آسمان تي روشن چنڊ جيان چمڪندڙ شاعره منهنجي پياري ڀيڻ سيما عباسيءَ وٽ پهتو، جنهن پڻ هن ناچيز جي ڪچي ڦڪي شاعريءَ تي پنهنجا قيمتي ويچار ونديا آهن. پياري دوست اعظم ڀٽيءَ هن ادنیٰ ادبي خادم جو تعارف ڏاڍي سهڻي انداز سان لکي، مون تي پنهنجون نوازشون ڪيون آهن. انهن مڙني معزز انسانن جو آئون دل سان شڪر گذار آهيان، جن مون ناچيز تي ايڏا وڏا وڙ ڪيا آهن. سنڌ جي نامور شاعره ادي سيما عباسيءَ جو بيحد ٿورائتو آهيان، جنهن مون سان ڪتاب جي ڇپائڻ ۾ مالي سهڪار پڻ ڪيو آهي. آخر ۾ بس اهو ئي چوندس ته خدا ڪري مون ناچيز جون هي سچايون تاريخ جي ورقن جو ڪرم ماڻين. ڪتاب پڙهي پنهنجي راءِ کان ضرور نوازجو.

آئون اهو ئي ساڳيو سچ جي اڙانگين راهن جو مسافر:

**مُسافر هاليپوٽو**

03462821758

ڳوٺ حاجي راهُو هاليپوٽو

ماتلي

24.4.2019

## شاعري



# مُسافر وفائون

## نعتيہ غزل

معاف ڪر مولا خطائون، مصطفيٰ ﷺ جي واسطي،
ڪِينَ موٽائي دعائون، مصطفيٰ ﷺ جي واسطي.

ڪم ڪچا ڪيئي ڪيم هن عيب مون ۾ ان مِيا،
ڏج نہ سڪراتي سزائون، مصطفيٰ ﷺ جي واسطي.

مون نہ سمجهو مون نہ ڄاتو آ قبر جي ڪا پُڇا،
پاڻ ڪج پنهنجون عطائون، مصطفيٰ ﷺ جي واسطي.

سڻ اسان جون التجائون، مصطفيٰ ﷺ جي واسطي.

آ ’مسافر‘ راهہ ڀُليو رهبري ان جي ڪجان،
سڀ سنڀالج هي سُڪائون، مصطفيٰ ﷺ جي واسطي.

# شاعري



## غزل

اڄو گُلَ گلابن جون ڳالهيون ڪريو ڪي،
۽ شوقن شبابَن جون ڳالهيون ڪريو ڪي.

نشو ڇو نہ هاڻي نشن ۾ رهيو آ،
او ساقي شرابن جون ڳالهيون ڪريو ڪي.

ڀري جام جاني پيار يو تہ پوءِ،
گناهن ثوابن جون ڳالهيون ڪريو ڪي.

گھڻو پاڻ گھاٽي ۾ پيڙهيو ويو آ،
اڃان ڀي عذابن جون ڳالهيون ڪريو ڪي.

ڀلا عشق ۾ ڇو بيهجي ويا هو؟
اٿو انقلابن جون ڳالهيون ڪريو ڪي.

اسان جي حياتي آ ورقن ۾ ويڙهيل!
اسان سان ڪتابن جون ڳالهيون ڪريو ڪي.

اسان جان ارپي پرين کي ڇڏي آ،
اوهين ڀيا حسابن جون ڳالهيون ڪريو ڪي.

’مسافر‘ اوهان کي وساري ڇڏيندو!
مگر ها قصابن جون ڳالهيون ڪريو ڪي.

بيوفا هوندي بہ هُو هر بار سهڻو ٿو لڳي،
ڇو تہ دلبر جو رڳو ڪردار سهڻو ٿو لڳي.

ڪوڙ هوندا هن پيا ڏس ٿُوهہ ڪيڏا جرڪڻا،
پر ٻُڌا ڪنهن کي ڪڏهن ڪو يار سهڻو ٿو لڳي؟

سونَ جهڙو رنگ ٿيندو سونَ ناهي يارڙا،
ها مڃان ٿو ڪوڙ جو واپار سهڻو ٿو لڳي.

ڇا چوان توکي ڀلا او مرحبا محبوب ڙي،
سونهن تنهنجيءَ جي ڪري سنسار سهڻو ٿو لڳي.

تون رڳو ناهين حَسِين پر غم گهڻا ئيندڙ بہ آن،
ٿهڪ ڏيئي ٿو ڪرين اظهار سهڻو ٿو لڳي.

نُور نُوريءَ ۾ نہ هو پر ناز نوڙت جي ڪري،
ڏس تماچي تڙَ ڏٺيءَ کي ڄار سهڻو ٿو لڳي.

مان ’مسافر‘ ڪِينَ آهيان ذات پنهنجيءَ ۾ ذرو،
تو نوازيو ڏاتا سان ڏاتار سهڻو ٿو لڳي.

پيرَ زخمي ٿي پيا پر چاهتون ساڳيون رهيون،
روح منهنجي ڪان پريِ هِن راحتون ساڳيون رهيون.

سال هِن گذري ويا مون يار مرڪڻ آ ڇڏيو،
ٿهڪ هُن جا ساڳيا ۽ عادتون ساڳيون رهيون.

لوڪ مايا ڪاڻ ٿو ڇا ڇا ڪري پيو ڏس ڪٿي،
پر اسان وٽ سوز سِڪَ جون ساعتون ساڳيون رهيون.

چنڊ تي پهتو وڃي آ ڏيهہ سارو ٿو ڏسان،
ڇو پيلا هِن سنڌ جون هي حالتون ساڳيون رهيون.

بس غريبن جي غريبي آ وڌي اڳ کان اڳيان،
پر اميرن جون تہ آهن طاقتون ساڳيون رهيون.

مون 'مسافر' ڪونہ ماٺي آهہ منزل پيار جي،
پوءِ بہ پنهنجي پيار لئہ هن پارتون ساڳيون رهيون.

ڪٿي ٿهڪ خوشيون رهيا پوڳ آهن،
ٻچيا رنج رُساما رڳو روڳ آهن.

هتي گل امن جا لڳايا هئاسون،
اتي چو اجايا ڦٽا ڦوڳ آهن.

پئي ماءُ ماري ٻچا ٻڪ وگهي ٿي،
اهي سُور سارا ٻڌيا سوڳ آهن.

ڪري ڦهر آهن رهيا ڪاپڙين تي!
ٺلها يار جوڳي اهي جوڳ آهن.

ڏسون ٿا پيا پر ڪيون ڪجهہ نٿا چو؟
چڙهيا من ’مسافر‘ ڪهڙا موڳ آهن.

درد آهن گهڻا چوٽ تازي نہ ڏي،
يار هاڻي وري ياد ماضي نہ ڏي.

وحشتن جي وبا ۾ خدارا اچي،
فيصلو تون غلط ڪو بہ قاضي نہ ڏي.

جو نہ انصاف تنهنجي خلق سان ڪري،
يا خدا تن هٿن ۾ ترازي نہ ڏي.

آدمي تون وڏو پاڻ ڪيڏو بہ ٿي،
ماڻهپي جي مٿان ڪا بازي نہ ڏي.

من ڪڏهن باوضو جي نہ رکيو اٿئي،
پوءِ مسجد وڃين ڪابہ آزي نہ ڏي.

جي ’مسافر‘ نٿو ڪو بہ سمجهي سگهي،
اُت اجايو وڃين شعر سازي نہ ڏي.

دل چري تون ٻڌا ڪٿ وفا ڳولجي؟
عشق جي درد جي ڪا دوا ڳولجي؟

هت تہ آهن رڳو نفرتون ٺُهمتون!
تون اجان ٿي چوين ڪا ادا ڳولجي.

محبتن جو هتي ڪونہ آهي قدر،
لوڪ بي ذوق ۾ ڇا ڀوا ڳولجي؟

روز تڙپي مرڻ روز جئيندو رهڻ،
يار آهي ڏکيو بي سزا ڳولجي.

بي سبب ٿا جيئون هي حياتي پيا،
او! پرين اٿ هلي اڄ بقا ڳولجي.

سُور ناسُور ٿي هاڻ آهن ويا،
بس ٿَڪِي هان پيو هل شفا ڳولجي.

ڇو پيون هي ملن ٿيون جفائون پلا؟
ڪٿ نمازِ وفا ٿي قضا ڳولجي!

ڪو سجڻ ڪي ڇڏَي ڇو وساريو اٿس؟
ساٿ ڪنهن جو پلا تو سوا ڳولجي؟

مان تہ ٿڪي ويو هان 'مسافر' صفا،
هل خدا جي بندن ۾ خدا ڳولجي.

بنان ڪنهن ڏوهہ جي مون ڪان رسي ٽي ڏار وئي آهي،
سمنڊ سورن سندو مون لئہ ڪري هُوءَ تار وئي آهي.

سهاري يار جنهن جي مون ترڻ ئي ڪونہ سکيو هو،
ڪناري تي ڇڏي مون کي پڄي هُو پار وئي آهي.

سزائون پل هزارين ڏي خطائون پيي ڏَسي مون کي،
وڇوڙو ۽ وڏا مون کي ڏئي ويچار وئي آهي.

پيارن کان سواءِ پيي ڪو پلا ڄِي ٿو سگهي جڳ ۾؟
حياتي هر گهڙي مون تي ڪري ڄڻ بار وئي آهي.

هيون ڪينجهر اکيون هن جون هئس تن ۾ تماچي مان،
صفا هئي هُوبهُو نوري وجهي ڪو ڄار وئي آهي.

’مسافر‘ ڇو اجائي تون ڪرين هن سان شڪايت پيو!
ڪري احسان ڏئي توکي امر اشعار وئي آهي.

ڀڄي ڀروسا ٽٽي پيا ڀَور آهن،
ڏٺا دل ڏکن جا وڏا ڏَور آهن.

جهلي ڇِيڇَ جيڪي هليا هئا اسان جي،
اهي اڄ اسان کان ٽٽيا ڙَور آهن.

وڄن نقش ڦِٽندا ڏٺم محبتن جا!
ڪڇِي مس منجهان ڪي لڳل ڀَور آهن.

ڪٿان هاڻ انصاف ملندو نہ يارو،
ڇڳا مڙس چوندي ويا چَور آهن.

اجهو ڪات توتي بہ ڪڙڪي ڪٿان ٿو،
غزل هاڻ تنهنجا ٽٽيا غَور آهن.

’مسافر‘ اجايو پريشان آهين!
اجهو مرد جاڳيا وري مَور آهن.

منٺي محبوب جا ماٺا قرارن کان بہ وڌ آهن،
سڄڻ جا دم دلاسا ئي سهارن کان بہ وڌ آهن.

اچن باغن بهارون ٿيون ڪِلِي کٽندو سڄڻ آ جو،
شبابي نيڻ سانول جا ستارن کان بہ وڌ آهن.

نہ ڪو دولت کپي مون کي پيو رب کان گهران ٿو مان،
سڄڻ جي ديد جا تحفا خرارن کان بہ وڌ آهن.

پڇان ٿو سبز وادين ۾ ڪريو ديدار دلبر جو،
منٺي محبوب ۾ جلوه نظارن کان بہ وڌ آهن.

اجايون ٿو پيو ڊاهون ڪيان مان قرب هن جي ۾،
ڪرم هن جا ڪيل مون تي ميارن کان بہ وڌ آهن.

جُتيءَ جو جوڙ ناهي ڪو ’مسافر‘ يار منهنجي جو،
حسن وارا پيا جڳ ۾ هزارن کان بہ وڌ آهن.

چري چاهہ مان جو چتائي وئي آهي،
وڏا درد دل ۾ دکائي وئي آهي.

ڏسڻ ۾ صفا هُوءَ خاموش هئي پر،
اکين سان گهڻو ڪجهہ ٻڌائي وئي آهي.

چيائين تہ پنهنجو پئي پاڻ ڳوليان،
وري پاڻ پنهنجو وڃائي وئي آهي.

نڪو ڍنگ سليقو هيو زندگي ۾،
عجب رنگ مون ۾ رچائي وئي آهي.

نظر ۾ تہ جادو سمايو هَلِي ٿَي!
وڏا ڪي تہ منتر هلائي وئي آهي.

وفا جي تہ ڏوري ٻڌي دل لغڙ ۾،
هوا ۾ تہ مون ڪي اڏائي وئي آهي.

انڌيرن 'مسافر' ٿَڪائي وڌو هو،
ڏيئا ذات جا ڪي جلائي وئي آهي.

سڄڻ تو کي خبر ڪهڙي اسان جا خواب اُجڙيا هِن،
وفا جي واٽ تي ڪيئي بدن بيتاب اُجڙيا هِن.

خدا جي هن خلق ۾ چو رهيو احساس ناهي ڪو،
ڪٿي مندر جلائين پيا، ڪٿي محراب اُجڙيا هِن.

ٻڌائي چا ٻڌايان مان ڏکن دل آ وڏي ڏاري،
سوين ارمان لڪجن پر هزارين باب اُجڙيا هِن.

سڄو مڪتب ٻڌيو مقتل ڪجي مذمت ٻُڌا ڪهڙي؟
وڏو ناحق آ سُوريءَ ۾ مثل مهتاب اُجڙيا هِن.

’مسافر‘ ڪيئن مجان آئون ڀلا توکي ڪري پنهنجو!
اڙي! تنهنجي هٿان منهنجا، سوين احباب اُجڙيا هِن.

مٺا محبوب مون جانچي ڏٺو سنسار ۾ آهي،
جفائن جيت ماڻي آ، وفا هت هار ۾ آهي.

چڙهي جا خوب چرچا هِن ڪِريو ڪم ڪار جو ناهي،
اصل رنگ پا رهيو هاڻي وچي ڪنهن يار ۾ آهي.

وڏي وئي بيوفائي آ، پلا چئجي تہ ڇا چئجي؟
سچاين جو سِڪو ڪيڏو ڪِريو بازار ۾ آهي.

وڏي اخلاق سان ئي تون سڏيو اشرف هتي ويندين،
وفا مُروت سوا ٻيو ڇا بدن بيڪار ۾ آهي.

حُسن جي ناز تي سهڻا گھُٽا تو ڪيترا آهن،
مگر هي جوش جذبن جو چريا ڏينهن چار ۾ آهي.

پويتر روح رشتي جو قدر توکي نہ آهي ڪو،
اڙيو من هي اچي تنهنجي اکين اسرار ۾ آهي.

بهارن جي ٻه آمد تي نه بلبل کي بهاري آ،
چمن ۾ ڇهچٽو ڪونهي نه گل گلزار ۾ آهي.

لڳو آ ڳوٺ ۾ ڏاڙو پيو آ راڄ ۾ راڙو،
ڪنيو سو چور ساڳيو ئي وڏيري ڪار ۾ آهي.

ڪٿي جهيڙا قبيلائي ڪٿي الزام ڪارنهن جا،
وڏو هي زهر اوتيو ويو اسان وٽ پيار ۾ آهي.

’مسافر‘ ماٺ تنهنجي کي ڀلا سمجهان ته ڇا سمجهان؟
رکيو اظهار ڪهڙو تو ڀلا ماٺار ۾ آهي.

رَئو آهہ تو جو اُڏاريو هوا ۾،
سوين ڇوڪرن پئي نهاريو هوا ۾.

عجب راند آهي ڏسو محبتن جي،
پرين آ ڇيو ديپ ٻاريو هوا ۾.

پلا ڇو نہ پهتا سڄڻ کي سنيها،
هئم يار ڏاڍو پڪاريو هوا ۾.

نڪاٽو هجي ڪو اسان جو بہ هاٽي،
گهڻو يار آ مون گذاريو هوا ۾.

پئي دُور تائين ملاحن پُڪاريو؟
سمنڊ پاڻ کي هو اُتاريو هوا ۾.

ٿيو راز افشان لڪل اُلفتن جو،
هيو نانءُ تو جو اُڇاريو هوا ۾.

بنان گهر سيارو بہ گذٽو پوي ٿو،
امڙ ٻار پئي آ سمهاريو هوا ۾.

مَنِي مند آ هيءَ پاري پوڻ جي،
’مسافر‘ اڻئي ڪو بيهاريو هوا ۾.

اکيون يار تنهنجي پڇائن ۾ آهن،
رُليون پاڻ زوريون ڏسائن ۾ آهن.

هيون زلف چانئون ڪيون يار تو ئي،
رهيون پوءِ غمن جي گهٽائن ۾ آهن.

ڇِنِي تون جڏهن ڪان ويو يار آهين،
سڙيون پوءِ ڏاڍيون، سزائن ۾ آهن.

عجب ۾ تہ آهيان اکين ساڻ آئون،
سزائون تہ هونديون خطائن ۾ آهن.

اميدون هيون ڪي پويتر اسان جون،
جلي خاڪ ٿيون سي انائن ۾ آهن.

ذرو رحم تن تي ڪرين ها خدارا!
اڙيون هي تہ تنهنجي ادائن ۾ آهن.

ٻُڌا ڏوهہ ڪهڙي اٿئي رت رئاڙيون،
سدا هي تہ هونديون وفائن ۾ آهن.

ڏنا جن اکين ٿي سدا خواب تنهنجا!
جلائي ڇڏيون تو جفائن ۾ آهن.

اٿم هاڻ سمجهو پرين تو سدائين،
دعائون بہ پڙهيون دغائن ۾ آهن.

پرين ڪان ’مسافر‘ شڪايت ڪجي ڇا؟
صدائون بہ شامل گلائن ۾ آهن.

اسان جي يار ذهنن تي سراسر سوڳ طاري آ،
وَتون ڪِلندا بظاهر ٿا، اندر ۾ اشڪباري آ.

لڳي ٿي مُرڪ هر ميري چَپن تي باهہ جا شعلا!
لُٽيون ڪنهن دلبريون آهن، اها ڪنهن باهہ ٻاري آ.

ڪنيون بنجر صفا آهن، زمينون يار ذهنن جون،
ڦُٽن ٿا داغ جا ٿُوهر وِصُل جي واٽ زاري آ.

وري جي مال چاريندڙ سڏي ميهار اڄ سُهڻي!؟
اُهو ميهار ڪارو آ اُها سهڻي ٻہ ڪاري آ.

اسان جي سوچ کي ڪيڏو غلاظت وئي وڪوڙي آ،
سچاين کي نٿا سمجهون نہ ئي ڪا پرت پاري آ.

اسان تهذيب اعليٰ جا، سڏايون يار وارث ٿا،
اڃا چو يار اُلڪن ۾، اسان جي ديس ناري آ.

اسان جي عشق جا سجدا، اڃايا ڪونہ ويڇا هِن،
محبت سنڌ سان منهنجي صدين کان يار جاري آ.

رکي سر ساهہ جي بازي سدا ناتا نڀايا مون!
اڃا پڇي ٿو چوي ساجن ’مسافر‘ ئي مياري آ.

ڪيان ڇو ڏيک جا ماتم اندر سارو تہ ڪربل آ،
اهو منظر سڄو سارو، اکين آڏو تہ هر پل آ،

اُهي آهُون اُهي دانهون اهي لاشا اهي راڙا،
اها ڪربل جي ڌرتي هئي، هتي اڄ سنڌ جيجل آ.

يزيدي دور ڏي ٿورو وجو ذهنن کي موٽائي!
اهي ساڳيا ستم آهن، اُها دردن جي دلدل آ.

اُها پاڻي تڙپ ساڳي اُهي ميندين پنل رت ۾،
اُتي هئي قيد زينب ٿي، هِتي ڪا قيد مارُل آ.

هتي هر روز هر گهر ۾ ڏسان شامِ غريبان ٿو،
هتي پيي اُن يزيدي جي بقايا ڪاتہ آيل آ.

ڪري ڪهڙا ڪري ماتم 'مسافر' کي ٻڌائي ڪو،
لڳي ٿس باهہ سيني ۾ پيو روئندو تہ پل پل آ.

لڳا جو پيار تي پهرا تہ هيٺا حوصلا ٿي ويا،
هئي ساعت سهڻ مشڪل اُتي ئي فاصلا ٿي ويا.

اٿيو طوفان اهڙو ڪو اميدن جا اجها اجڙيا،
اسان جي عشق تي آهن ڏکيا هي مرحلا ٿي ويا.

ذرو احساس ناهي ڪو ڏسان ٿو يار رشتن ۾،
ڪنوارا خواب نيڻن ۾ سڙڻ جا سلسلا ٿي ويا.

ﭘﻼ چئجي تہ چا چئجي ڪُچي هٿ ڪير ٿئي ڪافر،
زمانو زور ٿي ويو آ، ظلم جا زلزلا ٿي ويا.

الا ڪنهن خوف جي ڪارڻ ڇڏي ويا راه الفت جي،
ڦُٽي پيا ڊپ رستن تي، پراٽا پيچرا ٿي ويا.

ڪميٽپ ڪوڙهہ ڪارنهن جي منجهائي من ڇڏيا آهن،
امر رشتن مٿان آهن ڦهر ڪي ڪيترا ٿي ويا.

’مسافر‘ ڀاڳ وارو هان، مليو محبوب اهڙو ٿم،
اجهاٽي آس هئي دل جي، جيئڻ جا آسرا ٿي ويا.

عجب آ اسان جي وفا ڪنهن نہ ڄاتي،
سڙي ساهہ ڪئي جا صدا ڪنهن نہ ڄاتي.

چريو ٿي چيائون، چريو ئي ڪيائون،
چرين چاهتن جي ادا ڪنهن نہ ڄاتي.

سدائين اکين مان رهيو آب جاري،
بنان مند موسم گهٽا ڪنهن نہ ڄاتي.

ڏئي گهاوَ گهِرا سڄڻ بي خبر ٿيا،
وري درد دل جي دوا ڪنهن نہ ڄاتي.

اهو ڏوهہ آ جو وفائون ڪيان ٿو،
نڪي ڏوهہ منهنجو سزا ڪنهن نہ ڄاتي.

وفا جي پنڌن ۾ مري پيو ’مسافر‘،
اها ڳالهہ ان جي الا ڪنهن نہ ڄاتي.

ٻڌايو ڏوهہ ڪهڙو هو، حوا ان ميگهواڙيءَ جو،
قتل ڇا لا ڪيو ويو بي خطا ان ميگهواڙيءَ جو.

سوين سپنا سجائي هُن دنيا پنهنجي بنائي هئي،
الا گهر تي ويو سارو تباهہ ان ميگهواڙيءَ جو؟

ڀلا تهذيب سان ڇا لاءِ ڪيو هت ڪِيس ايڏا ٿا،
پيو من سوڳ سارينڌو سدا ان ميگهواڙيءَ جو.

ڀلا قرآن گيتا جو درس دل سان اٿوَ سمجهو،
اسان کان ڇا الڳ آهي خدا اُن ميگهواڙيءَ جو.

هجو مسلم، هندو توڙي، اسان بس سنڌ ڄاوا هُون،
فخر سان مان سڏايان ٿو ادا ان ميگهواڙيءَ جو.

ضميرن جي عدالت ۾ 'مسافر' تي ڏسو سوچي،
سين کي پوءِ نظر ايندو لقاءُ ان ميگهواڙيءَ جو.

اسان جي يار خوابن کي ملي تعبير ڪاٿي آ،
امرتا مان ٻہ ماڻيا ڪا اهڙي تقدير ڪاٿي آ.

هوا ۾ سوڳ جي خوشبو پڪو اهڃاڻ آهي اڄ،
وري سپنن سهانن جو ڦِٽو جاگير ڪاٿي آ.

اوهان احساس ڪان خالي رڳو نالي رکيا ناتا،
اسان جي يار اکڙين مان سُڪو ڏس نير ڪاٿي آ.

رکيو جو عڪس ناهي آ اسان پنهنجن تہ سينن ۾،
ٻڌائي يار محبت جي اُها تصوير ڪاٿي آ.

اوهان جو ڏوهہ ناهي ڪو، اسان جو ڀاڳ اهڙو آ،
ڀلا تقدير جي آڏو هلي تدبير ڪاٿي آ.

ڪڏهن تاريخ ۾ منهنجو لکيو نالو نہ ويندو هِت،
لکي مون ديس دردن تي اُها تحرير ڪاٿي آ.

’مسافر‘ تون چريو آهين، سڄي دنيا چري ناهي،
چريا تو جيئن ڀلا دنيا ٻڌا دلگير ڪاٿي آ.

سدائين سچايون ڪيون تو نشانا،
هجي حيف توکي اڙي او زمانا.

اسان کان چنا تو اهي مور ماڻهو،
هئا جي اسان جي جيئڻ جا بهانا.

پري جهول تن کي ڏنئي نفرتن جا،
لٽايا سدا جن وفا جا خزانا.

غزل گيت وايون اجايون نہ آهن،
جليا کوڙ آهن هتي آشيانا.

چمن تي سجائي ڏنم مرڪ ڪوڙي،
اکين ٿي بڌايا اندر جا فسانا.

هوائون هتان جون ٻڏيون زهر آهن،
سڙيا خواب آهن هتي ڪي سهانا.

هتي جن ’مسافر‘ وفائون ورهايون،
اُهي پيي رُئاڙي ڪيا تو روانا.

دل چري تون ئي ٻڌا مان آٿتون آٽيان ڪٿان!
هن دنيا مصروف ڪان مان فرصتون آٽيان ڪٿان!

لوڪ ساري ۾ ڏسان ٿو ڪو ٻہ ڪنهن جو ڪونہ آ،
تون ڀلا مون کي ٻڌائي صحبتون آٽيان ڪٿان!

حالِ دل جنهن سان ڪجي ٿو سو ڏکارو آ اڳي،
روح کي راحت ڏين سي راحتون آٽيان ڪٿان!

جڏهن سجو ماحول آهي سوڳ ۾ ورتو پيو،
موت جهڙي ماڪ ۾ مان محبتون آٽيان ڪٿان.

سڀ چون ٿا يار مون کي چو پريشان ٿو لڳين،
دل ڏکاري آ کِلڻ جون عادتون آٽيان ڪٿان!

وس نٿو منهنجو هلي جو دل چري هن ديس مان،
ڪُلفتون ڪيجن تڙي پر طاقتون آٽيان ڪٿان!

مان تہ محبت لاءِ ڀٽڪي هان 'مسافر' ٿي ويو،
پاڻ منهنجي لاءِ ڀلا مان چاهتون آٽيان ڪٿان!

بي مزي آهن بهارون تو سوا،
سچ پڇين آ هانءُ ڦارون تو سوا.

دل اداسين جي اثر ۾ ٿي رهي،
ڪونہ ٻُڌيون ڪنهن پڪارون تو سوا.

مون مرڻ جا ٿي بهانا ڳوليا،
ڪونہ آ ٻيو درد دارون تو سوا.

اڄ پرين ڪي حال دل تو سان ڪيان،
ڪير اگهندو لڙڪ لارون تو سوا.

روح روڳي ڪي وٺي ڪجھ ڪونہ ٿو،
ڪٿ ٻيون آهن پچارون تو سوا.

سچ پڇين هي زندگي تو ساڻ آ،
سڀ اجايون ٻيون اُڏارون تو سوا.

هٿ ٻئي جي ڪونہ ويندين هاڻ بس،
هن حياتيءَ جون مهارون تو سوا.

ڪجھ گھُرن ئي ڪونہ ٿيون مان چا ڪيان،
او ’مسافر‘ ساهہ سارون تو سوا.

واعدو پنهنجو پاري مربو،
نرمل نينهن نڪاري مربو.

توکي ساهہ سمايو آ مون،
توکي ساري ساري مربو.

جيت وفا جي ڪرڻي آهي،
هانوَ نہ هاڻي هاري مربو.

ننڍ وڏو نَقصان ڏنو آ،
هاڻي ڏيهہ اٿاري مربو.

تو آ منهنجو شانُ وڌايو،
تو سان عشق اُجاري مربو.

حيرت ۾ هِن هاڻ انڌيرا،
وِک وِک ڏيئو ٻاري مربو.

تار درياءَ ۾ توسان گڏ هان،
توکي ئي بس تاري مربو.

تون جڻ سنڌو نقشو آهين،
تنهنجو ساٿ سنواري مربو.

يار ’مسافر‘ تنهنجو آهيان،
تنهنجي ئي بس نعري مربو.

هڪبئي ۾ آ ساهه اسان جو،
چريو آهي چاهه اسان جو.

ڪيئن جيئنداسين ڪيئن مرنداسين،
ڄاڻي ٿو ته الله اسان جو.

سوچي سوچي ٿڪجي پيو هان،
ٿيندو پيار پناهه اسان جو.

پيار سواءِ ٻيو ڪهڙو آهي؟
جڳ ٻڌائي گناهه اسان جو.

ايئن اسان هڪبئي جا آهيون،
جيئن سنڌو درياهه اسان جو.

قيامت تائين قائم رهندو،
واعدن تي ويساهه اسان جو.

پيار 'مسافر' جو امر آ،
رهندو لوڪ گواهه اسان جو.

عمر گذري عذابن ۾،
رڳو سڪڻ حجابن ۾.

صفا الجهي پيو آهيان،
سوالن ۾ جوابن ۾.

ڳهي آيا ڳُهڻ لاءِ،
هئا پنهنجا نقابن ۾.

اسان جي هار ٿي ويئي،
حياتيءَ جي حسابن ۾.

ويا ارمان سپ رهجي،
غزل بنجي ڪتابن ۾.

اسان جو شعور قاتل آ،
گهڻو پوئتي قصابن ۾.

اُهي منظر ڪٿي آهن،
پڙهيم جيڪي نصابن ۾.

گلو مالها ڪيو زخمي،
ڪنڊا ها جو گلابن ۾.

اڙي ساقي گڏيو آ تو،
زهر ڇا لاءِ شرابن ۾.

ڇريا احساس ڳولين ٿو
رئيسن ۽ نوابن ۾.

’مسافر‘ لوڪ سياڻو آ،
سفر تنهنجو سرابن ۾.

ڏٺيون مون دربدر آهن وفائون شهر تنهنجي ۾،
هلن ٿيون ڳاٽ اوچي سان، انائون شهر تنهنجي ۾.

اُميدون هاڙ دلين جون ٽنگيون سوليءَ پيون آهن،
کنڊر ڀڄي ويون آهن، سُکائون شهر تنهنجي ۾.

ملي ٿي ڪونہ ڪنهن کي ئي هتي محبت مسيحائي!
رڳو ٿيون زهر اوڳاڇين، ادائون شهر تنهنجي ۾.

ڀنيا ڀُورا تہ ڪي ڪارا ڏٺا مون چيلهہ تي چوٽا،
اکڙين سان ڳالهائين ٿيون، بلائون شهر تنهنجي ۾.

حنا جا رنگ زخمي هن ڳلن جا ڳوٺ ڳوڙهن ۾،
وفائن جون ڪجن ڪنهن کان، پڇائون شهر تنهنجي ۾،

ذرو انصاف ناهي ڪو هتي ڪنهن جي سچاين سان،
يتيمن جي مثل آهن، ڪلائون شهر تنهنجي ۾.

هتي احساس جا گلڙا هٽي مالهي رنو آهي،
گُهلن طوفان وانگي ٿيون، هوائون شهر تنهنجي ۾.

نہ جي هت داد ٿيڻو آ، پلا فرياد ڪنهن جي جو!
ڪجن پوءِ پلا ڇا لئہ، صدائون شهر تنهنجي ۾.

ڪُڇڻ جي ڪار ناهي ڪا ’مسافر‘ ماٺ ۾ آهن،
رڳو دڳ دڳ پيون پلجن، دغائون شهر تنهنجي ۾.

تون پويتر پيار منهنجو، تو ڏياري جيت آ،
تو ڏني احساس جي سا، قربداري جيت آ.

ڇا ڇئي توکي ٻڌايان، ڇا ڏنو تو مانُ آ،
جا ڏني تو آهہ دل کي سا قراري جيت آ.

آ سُبيو تو ساهہ منهنجو پرت ۾ ڇڙ پاڙ سان،
آ حياتي ڪئي منهنجي، تو سونَ ساري جيت آ.

ڪونہ مون منهنجي حياتيءَ ۾ ڏٺيون آهن خوشيون،
تو ڏني منهنجي خزائن ۾ بهاري جيت آ.

مان سدا چوندو رهيس پنهنجي نصيبن کي برو،
تو اچي قسمت منهنجي آهہ سنواري جيت آ.

ها زخم ساقي ڏنا مئخان مان مون کي ڪڏي،
پر سڏي تو سُرڪ جاني جا پياري جيت آ.

ڇا لکان تعريف تنهنجي تو نوازي آ ڇڏيو،
آ عبادت جي مثل تو پرت پاري جيت آ.

تون ’مسافر‘ کي صفا ٿي سنڌ جو نقشو لڳين،
چاھ مان تنهنجي ڇُمڻ صورت پلاري جيت آ.

سدا گيت پنهنجا نرالا رهن،
ٻُرن بدچلن لاءِ ڀالا رهن.

هُجن عظمتن جي علامت هتي،
هميشہ تہ پنهنجا حوالا رهن.

سفر ۾ سدائين سچائي هجي،
ڀلي يار پيرن ۾ ڇالا رهن.

صداقت دلين جي صحن ۾ رهي،
امر عشق پنهنجا تہ اعليٰ رهن.

پيئُون جام نيٽن منجهان ڪي پرين،
اڳيان ڀل ڀريا ڪي پيالا رهن.

پويتر وفائن سدا هت سجڻ،
سجي جڳ جهان ۾ اجالا رهن.

اوهان لاءَ ’مسافر‘ دعا ۾ پيا،
ڀلي نيڻ منهنجا هي آلا رهن.

ٻُڌو حق وفا جو نغارو ڪپي ٿو،
اهو ٿي اسان کي نظارو ڪپي ٿو.

ويون باغ پيلي انائون تہ آهن،
انائون ڳَنڻ لاءِ ڳَتارو ڪپي ٿو.

گهڻا يار ٻيڙا ٻُڏا سِير ۾ هِن،
مگر هاڻ ڪوئي ڪنارو ڪپي ٿو.

پرين پاڻ ڳولي لڌو ٿم اوهان ۾،
اوهان جو ٿي هاڻي سهارو ڪپي ٿو.

نڪر ٿانوَ جهڙا نٿا ساٿَ گهرجن،
سهارو سڄڻ ڪو سگهارو ڪپي ٿو.

وري يار ’منصور‘ ڏسجان اسان کي،
’ايپچند‘ اکين جو اشارو ڪپي ٿو.

رڳو محبتون ۽ امن آجيان ڏيو،
نڪو پاڻ لاءِ ڪو منارو ڪپي ٿو.

وري مات مانگر کي ڏيٺي تہ آهي،
مرد مورڙو ڪو متارو ڪپي ٿو.

صرف پاڻ لاءِ خوشيون ڪونہ گهرجن،
خوشين ۾ سڄو جڳ هي سارو ڪپي ٿو.

اسان پاڻ سادا رکون سوچ سادي،
صنم کي ترِي تي ستارو ڪپي ٿو.

ٻيا ڪونہ نعرا وٽن ۾ ڪپن ٿا،
’جيئي سنڌ‘ سدائين هي نعرو ڪپي ٿو.

اسان کي اسان جا هجن حق اهي ڏيو،
نہ ٿورو ٿڏو ڪو اُڌارو ڪپي ٿو.

’مسافر‘ ڪٿي مال مايا گُهران ٿو،
پرين پيار ڏيندڙ پيارو ڪپي ٿو.

نصيبن ۾ لکيل منهنجي رڳو هي لڙڪ لارون هِن،
چنو تو نينهن ناتو آ نہ توتي ڪي ميارون هِن.

چوَن ٿا يار شعرن ۾ رڳو ڇو درد لکندو هان؟
اهي گيتن جي روپن ۾ پرين تو لاءِ پُڪارون هِن.

اڪيلو تو ڪيو آ پر اڪيلو ڪونہ مان آهيان،
سدا گڏ روح سان هونديون پرين تنهنجون پچارون هِن.

مجان ٿو تو سوا مون وٽ بچيو ڪجھ ڪونہ آهي پر،
سهارو هاڻ جيئڻ جو سڄڻ تنهنجون تہ سارون هِن.

ڇپن تان جام تو ساقي ڦريو ڇا لاءِ مون کان آ،
خبر ٿئي هانوَ منهنجي جون، ڪيون ڪيڏيون تو ڦارون هِن.

’مسافر‘ کي ڇڏيو آ تو نہ جِيئَڻِ ۾ نہ مُئَن گڏ،
ڇَپن تي ٿهڪ ظاهر ۽ اندر ۾ اوڇنگارون هِن.

وفائن جي عيوض ملن ٿيون سزائون،
الائي تہ ڪھڙيون ڪيون ٿم خطائون؟

پرم مون وفا جا اُتي پيي بچايا،
جتي لوڪ ڳوليون رڳو ٿي انائون.

سندم پروَسن جا ڏسو ڳاٽ اوچا،
هٿن ساڻ اوتيو زهر پئي ڏنائون.

هئا بُتَ مٽيءَ جا خدا مون تہ سمجھا،
اجايون اُتي مون ڪيون التجائون.

هئس يار آئون اياڻو تہ ڏاڍو،
رُئاڙي رُئاڙي چريو ئي ڇيائون.

اندر ۾ اهو ئي تہ ارمان آهي،
’مسافر‘ سان ڪيڏيون مذاقون ڪيائون.

ڪر سوچ ڦِٽي هر ڪا مئخان ۾ موٽي آ،

انسان سڏائين ٿو انسان ۾ موٽي آ.

ڪر ياد ڇيو هو تو مان ساهه آهيان تنهنجو،
جي ساهه آهين منهنجو هن جان ۾ موٽي آ.

قبرن تي سُڪي ويندين ورڪا ۾ لڪي ويندين،
گل يار پلو آهين گلدان ۾ موٽي آ.

آ يار حُسن تو وٽ ڪر ناز پلي تون پر،
تڪبر ۾ تباهي ٿئي پنهنجي شان ۾ موٽي آ.

لک مون ته لتايا هن دردن جي دوا پويان،
دردن جي دوا ٿي پئي درمان ۾ موٽي آ.

آ شوق اهو منهنجو توساڻ هجان آئون،
هي آس ٿٿي نه پوي وجدان ۾ موٽي آ.

مقتل جي اڳيان آئون هڪ راهه ڏسان ٿو پيو،
طوفان اٿي پوندو طوفان ۾ موٽي آ.

هي تنهنجو مسافر آ تنهنجو ئي سدا رهندو،
تون پير جهلي پنهنجا ميدان ۾ موٽي آ.

پرين ويساهہ جي وڻ ۾ پرهہ جا ڪي پتا آهن،
نڪو ئي حوصلا جانان اسان جا ٽيا خطا آهن.

اجا مقتل پريان پيي ڪو ٻڌان ٿو ڇير جو ڇمڪو،
اجان ڪٿ پير پايل سان روهيڙي جيئن رَتا آهن،

صداقت ساٿ ۾ آهي، اَنا جي هار ٿيڻي آ،
اُگهاڙپ آ عيان ليڪن اجان ڪي سر ستا آهن.

ڪيا جي قهر ڪُلفت هن ڏسين ڏيهہ ساري ۾،
وفا ۾ سر ڏيڻ وارا اجا پيي ڪي ٻتا آهن.

جلادن ڪي جلڻ آهي اڪين آڏو قري آيو،
ڏسن پيا ديس جا دودا مچرجي جو متا آهن.

نزاڪت نينهن ۾ آهي عبادت جي مثل تو سان،
اُهي هر حال پاڙيندس وچن تو جي وتا آهن.

’مسافر‘ ماٺ ۾ آهي گمانن ۾ گهمين چو ٿي،
چري هن چاهہ پنهنجي ۾ روحاني رابطا آهن.

روح جو بس روح ۾ ئي راز آ
۽ سچائين تي سدائين ناز آ

دل سندم معصوم جهرڪي آ رهي،
وقت جو هر وار ٻٽيو باز آ.

درد مان دل تي ائين دانهون ڪري،
سوز مان جڻ ڪو وڄي پيو ساز آ.

ڪير ڄاڻي ڪونہ ٿو هن راز کي،
عشق ئي بس عشق جو آغاز آ.

چنڊ تارا پيي نہ مَٿ محبوب جي،
ناز هن جي جو عجب انداز آ.

ٿو رهان گم سم پريںءَ جي ياد ۾،
هن جي سوچن ۾ گهمڻ اعزاز آ.

محب مون کي ائين ’مسافر‘ ٿو وڻي،
جيئن نقشو سنڌ جو ممتاز آ.

تنهنجي مرڪي ملڻ واري اکين ۾ شام رهجي وئي،
پڪي ورڻ تان اڏاڻا ۽ لڏندي لام رهجي وئي.

اميدن جا سيئي ٻيڙا انا جي لهر لوڙهي وئي،
مٿا ٿي سرد ڪو سڏڪو هِنئين جي هام رهجي وئي.

هتي ارغون ترخانن جفائن جا فصل پوکيا،
تڏهن هن پاڪ ڌرتيءَ تي جفا آ جام رهجي وئي.

وفائن جا ڏيئا ٻاري سچائين کي تلاشيو مون،
تلاشي يار ۾ دلڙي پرينءَ جي گام رهجي وئي.

اسان لئہ وقت جا ڪانٽا اتي ئي يار رکجي ويا،
تڏهن آهي حياتي هيءَ اوهان جي نام رهجي وئي.

اوهان کي پل نہ ٿيو منهنجو ذرو احساس ڪو جانان،
سجڻ تنهنجي سزا هر ڪا اسان وٽ سام رهجي وئي.

جتان کان تو ذهن ۾ هن انائن جا محل اڏيا،
اتان کان ئي اسان جي هر دعا ناڪام رهجي وئي.

اندر جي آس تي ڦيري ڇڏيو تو ٻير جو ڊينگر،
’مسافر‘ جي اجائي ير وفا بدنام رهجي وئي.

عجب حال آهي اسان جي شهر جو،
سڄو ڏيک آ ڇڻ پراڻي کنڊر جو.

قتل روز رهزن ڳرائِن هتي ٿا،
نڪو ڊپ اٿن ڪو قيامت حشر جو.

ڪفن ڪان سواءِ دفن لاش ٿي ويو،
الا ڪنهن نہ ڄاتو قصو ان قبر جو.

عبادت چوين يا چوين يار پوڄا،
اهو فرق آهي اوهان جي نظر جو.

نڪو رام ڄاڻين نہ رحمان ڪي تون،
اثر تو اجايو رکيو آ اکر جو.

نہ سمجهيو ڪڏهن تَئِي انا جي چڪر ۾،
سبق ماڻهپو آهہ مسجد مندر جو.

وڃائي نہ حاصل ڪرڻ تو سکيو آ،
رڳو ڪم سدائين ڪيو تو ڪسر جو.

سِڪڻ ۾ سچائي اٿئي جي نہ شامل،
وڃائي نہ واڄو پرينءَ جي پچر جو.

’مسافر‘ نٿو جي وفادار بڻجي،
ڪهڙو فائدو پوءِ اوهان سان سفر جو.

جيئن گستاخ ماڻهن جي گلن ۾ هار ترڙپن ٿا،
دنيا بدذوق جي اڳيان وقت وينجهار ترڙپن ٿا.

اڙي مؤعظ ٻڌا واعظ ڪندا ان تي اثر ڪهڙو،
ٻچا جنهن جا صبح سانجهي بکيا جي يار ترڙپن ٿا.

سچائيون ڪوڙ سُوليءَ تي انائن جي ڪري چڙهيون،
ڪُڇي ڪافر ٿيڻ ڊپ کان سچا ڪردار ترڙپن ٿا.

ملي جا ڏنڊ ۾ آهي ڪُراڙي کي ڪَلِي ڪَچڙي،
اُتي ان جي تہ ساهن ۾ سوين سنسار ترڙپن ٿا.

صليبن تي ڏنا مون هن لکين لاشا وفائن جا،
وصل جي آس جا لُٽيل اندر اظهار ترڙپن ٿا.

ڪيائون پيار جو پرڙو ڪُنو وَرُ ان ونيءَ جو ويو،
ڏسي بي رنگ جواني سا، پيا سينگار ترڙپن ٿا.

سوين سهڻيون سسئيون آهن، رليون هن راهِ الفت ۾،
ڏنم رانجها پنهل ڪيئي، هتي ميهار ترڙپن ٿا.

’مسافر‘ ماٺ جا روزا اجا ڪيسين پلا رکبا،
رڳو هي دردَ دلين جا، ٿيو اشعار ترڙپن ٿا.

زماني ۾ ورهايو مون، وفائن جو وکر آهي،
پرين پو پيو الاءِ ڇو وفا هت دربدر آهي.

خودداري خاص فطرت آ نٿو آڪڙ انا ڄاڻان،
رکي سادي سچائي ۽ نماڻي مون نظر آهي.

مزاجن ۾ هتي آهي زهر اهڙو ملايو ويو،
بڻي هر ذهن ڏارا ڏس غلاظت جو تہ گهر آهي.

اڙي ساقي پڇين ڇا ٿو اسان مستن جي مستيءَ جو،
نگاهہِ يار جو دل تي ٿيو ڏاڍو اثر آهي.

اسان جي عشق ۾ آ تشنگي هڪ شخص اهڙي جي،
جتي حُورون ٿيون هارائِن، اهو سونهن جو صدر آهي.

اسان ’فرهاد‘ جا ساٿي ’اپيچند‘ جا تہ ’سرمد‘ هُون،
اسان سر ڏئي نڀائڻ جو اوتيو امرت اندر آهي.

’مسافر‘ ٿي نڀائڻ جو وچن پختو اسان وٽ آ،
پلي ئي ڏيهہ ۾ مون لئہ اُپو هٿ هٿ خنجر آهي.

دل رو نہ ڪري دانهون مقتل ۾ جيئڻ آهي،
سپ وير وٺن ٽا پيا، هت ڪير سڄڻ آهي.

تو پيار ڪيو جنهن سان، بت آهہ پٿر جو سو،
ديوار اڳيان تنهنجو بيڪار رُئڻ آهي.

حق حق تہ ڪري ڪيئي منصور مري ويا هت،
پر يار هتي مشڪل انصاف ملڻ آهي.

هُو پيٽ ڀريو مؤعظ واعظ تہ ڪري وينو،
پر ان کي خبر ڪهڙي ڪو پيٽ لنگهڻ آهي.

تاريخ گواهہ آهي سچ سُور ڏٺا آهن،
هي نانءِ جيئڻ جي ۾ بس زهر پيئڻ آهي.

بي انت جفا هُن جي مون ڪوڙ سٺي دل آ،
هُن شرط نڀائڻ جو رکيو ئي ڇِنڻ آهي.

جو موت هٿان مرندو ڪيڏو نہ ڀلارو آ،
معمول ٻٽيل پنهنجو هت روز مرڻ آهي.

منزل تہ ’مسافر‘ جي آ لوڪ کسي ورتي،
پر پنهنجي اصولن ۾ پوئتي نہ مڙڻ آهي.

پري تون يار ٿيندو آن، اڄي سڪرات ويندي آ،
وسي نيڻن منجهان ان پل، وڏي برسات ويندي آ.

مٺا توکي ڏسي هي روح پوندو رقص ۾ آهي،
تڏهن خوابن خيالن جي، لڏي محلات ويندي آ.

عجيبا موڙ اهڙي تي، اڄي قسمت بيهاريو آ،
ڏسي هي بيوسيون پنهنجون، ڏکي ٿي ذات ويندي آ.

جڏهن بدذوق مالهي جي، هٿن ۾ باغ ايندو آ،
گلن جي موهه ۾ مستي، مري ٿي مات ويندي آ.

ٻڌايان ڇا ڀلا تو سان، رکان ٿو چاهه ڪيڏو مان،
ٻَسان خاموش توکي ٿو، تکي ٿي تات ويندي آ.

اندر جي راز کي ظاهر، ڪيان اڄ ٿو ’مسافر‘ مان،
مٺا تو بن اڄي مون تي، قيامت ڪا ته ويندي آ.

ڏکويل کي ڏکويل جي، صدا تڪليف ڏيندي آ،
ملي بي ڏوهہ ٿي جيڪا، سزا تڪليف ڏيندي آ.

پيلا چئجي تہ چا چئجي، مٺي مرضي جي مالڪ آ،
سدا ٿي آزمائي پئي، سدا تڪليف ڏيندي آ.

وفا جي واٽ جا راهي، وفا مان ڪيئن ٿَڪندا هن،
ڪجي جا بي وفا سان ٿي، وفا تڪليف ڏيندي آ.

گلن جي رنگ خوشبو مان پيلا ٿو من ڏکي ڪنهن جو،
ڪڏهن ڪنهن گل گلابي جي، ادا تڪليف ڏيندي آ.

جلايو مون ’مسافر‘ آ ڏيئو جيڪو سچاين جو،
وسامڻ کان بچائيندي، هوا تڪليف ڏيندي آ.

حقن جي لئہ وڙهيو آهيان،
سدائين پئي لڙيو آهيان.

قدر ڪٿ يار ڪونهي ڪو،
انهي ڪاڙهي ڪڙهيو آهيان.

جتي بس آ رڳو مطلب،
اچي ان هنڌ اڙيو آهيان.

رڳو آهيان بني ۾ پيو،
گهڙَي وانگي گهڙيَو آهيان.

ڪتاب آهيان اُهو آئون،
نہ جو ڪنهن ٻي پڙهيو آهيان.

محبت مان چندي ڪڏهن،
نہ ڪنهن ڇوريءَ ڇڙيو آهيان.

حياتي هيءَ حبيبن ريءَ،
چِڪڻ تان جڻ چڙهيو آهيان.

ڪريو ڪجھ رحم ڪجھ سوچو
پيو سارو سڙيو آهيان.

’مسافر‘ جن بڻايو آ،
الا تن لئہ تڙيو آهيان.

هٿ زخمي زخمي ڇاتيون هِن،
ڇو هٿ هٿ ۾ هٿ ڪاتيون هِن.

ڏس باغ بہ ڇڄ آ ويرانو،
پُرسوز پکين جون لاتيون هِن.

ٿو شوخ نظر تي شور ڏسان،
ٿيون پاپ دلين جون جھاتيون هِن.

ڇو احساس آ مات مڃي،
ڇو وک وڏيساھہ گھاتيون هِن.

هي ڏينهن بہ اُجرا ناهن ڇو؟
۽ راتيون ڦهر جون راتيون هِن.

ڇو سمجهہ نٿي ڪا ڳالھہ اچئي،
ڇا ٻوليون منهنجون ٻاتيون هِن.

جنگ حقن لاءِ ڪرڻي پوندي،
ڇُوڙيون ڪنهن ڪنهن پاتيون هِن.

اُت ’مسافر‘ ان کي ڳوليون،
جنهن لاءِ هي اکيون آتيون هِن.

ڪنوارين اکين جو لُٽيل خواب آهيان،
تڏهن ڏس تہ ڪيڏو نہ بيتاب آهيان.

اچي من اداسيون ڪيو دور مون کان،
وهائي ٽڪي پيو اکين آب آهيان.

ٻڌا دلبريون مان ڪٿان يار آٽيان،
ٻٽيو بيوسيءَ جو پيو باب آهيان.

آ دنيا دُرنگي مزن مستين ۾،
ڪِرت ڪونہ اهڙي ڪندو ڪابہ آهيان.

پرايَن ڏکن تي لُڇان ٿو رُئان ٿو،
اجايو اچي ٿيو چريو مان بہ آهيان.

وفائون سچايون ڪڏهن پي نہ چڏبيون،
پلي مان 'مسافر' ٻٽيو چابہ آهيان.

هي سنڌ ڇا جهان جو محور لطيف آهي،
پنهنجي علم عقل جو مظهر لطيف آهي.

’ٽئگور‘، ’شيڪسپيئر‘ کي تون پلي پڙهي ڏس،
دنيا جي شاعرن جو رهبر لطيف آهي.

ڪنهن بيت ۾ ٻه ڪنهن سان ناهي تضاد ڪوئي،
تڏهن چوان ٿو تو لئه بهتر لطيف آهي.

سسئي پڙهين يا سهڻي ڇڙ آئينو ڏسين ٿو،
هر سُور ۾ سين سان حاضر لطيف آهي.

پيتا پلي ڪري ڏس تاريخ جي ترازو،
صدين سفر پڄاڻان منور لطيف آهي.

مُرشد پلو ’مسافر‘ توکي ملي ويو آهي،
موتي پيو ميڙ هر پل ساگر لطيف آهي.

توکي ڇا چوان تون ڇا آهين،

منهنجي دردن جي تون دوا آهين.

ها توکان سوا ڪجهہ ناهيان مان،
ڏس ڇا تون مون کان سوا آهين.

مون ڏي ير ٿو ڪير ڏسي،
تون چنڊ آهين افشان آهين.

منهنجي ذات اڌوري هئي تو بن،
منهنجي گيت جي تون زبان آهين.

مون تو ۾ پاڻ وڃايو آ،
بس تون ئي هاڻ عيان آهين.

مان توکي ڇاهيان پوڄيان ٿو،
ڇا تون پڻ مون جِيان آهين.

ڪر سمجهہ ’مسافر‘ ڇا ٿيو ٿئي!
عاشق تون ئي ميان آهين.

مٺان ڏک تہ مون تي بہ واري ڇڏيو ٿئي،
وڏا وڙ اهي جو وساري ڇڏيو ٿئي.

هئس يار روئڻو ۽ ڀڄڻو مان ڏاڍو،
ڏکن ساڻ جهيڙڻ سيکاري ڇڏيو ٿئي.

مڙئي محب ماڻهو ڳڻپ ۾ هئاسون،
اچي عشق ڏيئي اجاري ڇڏيو ٿئي.

سليقو نہ ڪوئي هيو يار تو بن،
پڇين سچ تہ سانول سُڌاري ڇڏيو ٿئي.

ڪٿي ڪوڙ سچ جي خبر ڪا هئي مون،
ڏيئي درد دوکا جيئاري ڇڏيو ٿئي.

وڏو ڪو ٻيڙ ٿي پيو آهي پيارا،
جڏهن ڪان مسافر ڪي ٻاري ڇڏيو ٿئي.

ڪٿي مون گهريا هِن عمر جا سهارا،
پرين پيار جا بس بہ پل ڏي اڏارا.

صفا ٿر جيان هي جليو آ تہ جِيوَن،
وسا ڪي پرين تون ڪڪر قرب وارا.

ويو وقت رڪجي تڏهوڪو اتي آ،
جڏهن تو ڪيا هئا اکين جا اشارا.

اسان کي پلي يار پنهنجو نہ مڃ تون،
اسان جا نہ آهن اوهان بن گذارا.

پرين آس آهي رهي بس اها ئي،
ملي ساٿ تنهنجو لهن سور سارا.

نصيبن ائين آ ڪيو دور توکان،
هجون پاڻ ٻئي ڄڻ سنڌو جا ڪنارا.

پلا ڪيئن نہ ماندو رهي من اوهان لئہ،
غضب جا ڪي تو ۾ ڏٺا ٿم نظارا.

متان آهَہ جي ير چڙهي ور وڃين تون،
ورائين پيو تون ’مسافر‘ اجارا.

نگاهون نہ ڦيرا ڏسڻ ڏي مني،
اکين کي عبادت ڪرڻ ڏي مني.

نڪو چَپَ چُرن ۽ نڪو جِڳ ڏسي،
سڄو حال دل جو چوڻ ڏي مني.

اسين عشق جون ڪي نمازون پڙهون،
رُسي لوڪ ٿو جي رُسڻ ڏي مني.

ڪري پُر پيالا ڏي نيڻن منجهان،
نشا نينهن جا ڪي اچڻ ڏي مني.

اکيون يار تنهنجون سنڌو ٿيون لڳن،
پلر پاڪ تن مان پيئڻ ڏي مني.

اکين ۾ 'اپيچند' لڳي ٿي پئي،
مون کي هاڻ 'سرمد' ٿيئڻ ڏي مني.

پلي ڪا بہ فَتوي 'مسافر' اچي،
ٿيان گهور تو تان مرڻ ڏي مني.

ڏکي دل پوي ٿي جڏهن تون رسُين ٿي،
ٻُڌائي پيلا تون ائين ڇو ڪرين ٿي.

اٺم ساهہ ويساهہ توکي ڏنو پر،
اڃا پيي نہ منهنجي وفا کي مڃين ٿي.

ستارن جيان ڪوڙ رشتا بہ آهن،
مگر چنڊ تن ۾ پئي تون لڳين ٿي.

هوائون اداسين جي پاڪر ۾ آهن،
ٻَڌا زلف ڪولي نہ هاڻي هلين ٿي.

ڇيم يار تو بن حياتي نہ گهرجي،
پيلا سوال ڪهڙا اڃا پئي پڇين ٿي.

اڄئي جي نہ منهنجي وفا تي يقين پوءِ،
چڙيان پاڻ ماري پيلا جي چوين ٿي.

نٿي جي ’مسافر‘ کي پنهنجو بنائين،
خوابن ۾ ڇا لاءِ پيلا تون اچين ٿي.

سزائون پلي ڏيو سزاوار آهيان،
ڪيو ڏوهہ ٿم جو وفادار آهيان.

وطن جي مٽي کي چيو ماءُ مون آ،
امڙ تو مٿان گهور هر بار آهيان.

حِنائي هٿن جي چُمين جو قسم آ،
پويتر وفا سان ڪندو پيار آهيان.

رئڻ رَولُ ڏئي ٿيو ماٺ ليڪ،
نيايان پيو چڙ اداڪار آهيان.

چڱن آ سدائين چڱو يار سمجهو،
گناهگار جي لئہ گناهگار آهيان.

ڏکن ۾ ڏسان ٿو پيو ڏيهہ واسي،
ٽُٽي مان حصا ير ٿيو چار آهيان.

سجڻ سان نہ ليکو ڪڏهن پي ڪبو آ،
حبيبن حُسن جو تہ حبدار آهيان.

پلي يار مون کي نہ سمجهن 'مسافر'،
اڙي مان سدائين سندن يار آهيان.

ڀٽا هُون قاتل جي ويڄهو
آهيون بس حاصل جي ويڄهو.

برکا ريءَ هُو برسي پوندو
گيت نہ ڳاءِ گهائل جي ويڄهو.

واعظَ تنهنجا ڪهڙي ڪم جا؟
مانيءَ جي سائل جي ويڄهو.

راتيون روئي سمهندي آهي،
پنهنجي ور پاڳل جي ويڄهو.

ڇو اڄ ويٺي روئي پيئي،
ڏس نچڻي پايل جي ويڄهو.

سوچي ٿو ڪيئن قوم جاڳائي،
شاعر گم ساحل جي ويڄهو.

هاڻ تہ مرڪي پئو تون سائڻ،
محبت آ منزل جي ويڄهو.

يار ’مسافر‘ سورهيہ آ هُو
مرڪيو پئي مقتل جي ويڄهو.

پرين تو پير پاتو آ چمن گلزار ٿي ويو آهي،
گلابن جو بدن سهڻا سڄو سنسار ٿي ويو آهي.

مٺا محبوب مرڪي تو نهاريو ناز مان نِوڙِي،
ڇَپَن جي ڇُرڻ ڪان اڳ ۾ عجب اظهار ٿي ويو آهي.

هلي وس ڪونہ ٿو منهنجو ڪيو تو قيد اهڙو آ،
پياريو جام اهڙو ٿئي، نشو نروار ٿي ويو آهي.

سراپا سنڌ جو نقشو لڳين تون تہ ڇهري مان،
سنڌءِ اکڙين جي درياءَ ۾ ٿي من ميهار ٿي ويو آ.

مسافر پيار پنهنجي ۾ ڪيو ٿئي ڇيڳلو ايڏو،
جواني جوش مان نڪري صفا ڇڻ ٻار ٿي ويو آ.

اوهان جي يار يادن جو سنڌو ڏس چاڙهہ ۾ آهي،
ٻڌن جو ڳوٺ ٻوڙڻ لئہ وڏي ڇڻ تاڙ ۾ آهي.

سِڪايل ڪي سِڪائين ٿو تڏهن بيحال ٿيو آهيان،
وڏو سيلاب ڪاهي پيو اکين جي لاڙ ۾ آهي.

اميدن جي اَجها جيڪي ڪيا آباد توسان ٿم،
سڄڻ تن ڪان سوا تنهنجي، سڄو جڳ ساڙ ۾ آهي.

وڇوڙي جون وڏيون ويرون مٿي مون ڏي نہ وارج تون،
جياپو يار مون ڳوليو اوهان جي آڙ ۾ آهي.

ڪکاوان گهر ڪٽي آهن اُها راحت پلي ناهي،
مگر هت پيار پلجن ٿا اها شئي ماڙ ۾ آهي!؟

حياتي موت مون آهن قسم سان ٻئي ڏنا توکي،
متان سمجهين 'مسافر' هي اجائي ٻاڙ ۾ آهي.

پرين شام توبن اڪيلي لڳي ٿي،
تڏهن دل قتل ڪا حويلي لڳي ٿي.

لڳي ٿو گُذر تو ڪيو آ شهر مان،
گهٽي يار هر ڪا چنبيلي لڳي ٿي.

پلا ڇا اوجاڳن جون ڳالهيون ٻُڌايان،
سدا ننڊ تنهنجي سهيلي لڳي ٿي.

درياءَ خان، دودا ڪٿي يار آهيو؟
ڏسو سنڌ ڳوڙهن ڳهيلي لڳي ٿي.

سندم ڏات هُن جون ادائون تہ آهن،
سڄڻ کي وڏي ڪا پهيلي لڳي ٿي.

ڏيئو ڇو نہ آهي مندر ۾ ٻريو اڄ؟
پُڄارڻ بہ ڏاڍي اويلي لڳي ٿي.

ڪري ڪُوڪ ڪوئل عصر مهل ٿي پر،
صنم ياد تنهنجي سوَيلي لڳي ٿي.

’مسافر‘ وساري پلا ڪيئن توکي؟
سندءِ سار هر پل نوَيلي لڳي ٿي.

عجب جا فسانا اکين ۾ رکين ٿي،
غضب جا نشانا اکين ۾ رکين ٿي.

نظر ڪِينَ ڦيرا پيو پاڻ ڳوليان!
وڏا تون زمانا اکين ۾ رکين ٿي.

ڪيو ڪا نوازش نگاهِ ڪرم جي،
جنت جا خزانا اکين ۾ رکين ٿي.

’ايپچند‘ ٻہ ’سرمد‘ ٻڌائي ڇڏين تون،
ستم جو سُهانا اکين ۾ رکين ٿي.

لڳي ٿو ڏکن سان گهڻو ٿي گذارين،
رُئڻ جا بهانا اکين ۾ رکين ٿي.

صنم سُور کهڙا ٻُڌايان اوهان کي؟
اڳي درد خانا اکين ۾ رکين ٿي.

اچي يار تو وٽ سوالي بڻيو هان،
ٻُڌاءِمون کي جانان، اکين ۾ رکين ٿي؟

ڏيو ڪو نِڪاڻو عشق ۾ عجيبا!
سندم آشيانا اکين ۾ رکين ٿي.

چوين ٿي ’مسافر‘ چريو تون ٿيو آن!
مسافر کي معنيٰ اکين ۾ رکين ٿي.

تو سوا ڀي مهجبين گهرجي نٿي،
هاڻ ڀي ڪا عاشقي گهرجي نٿي.

تو ڪيو آ پيار سان روشن مون کي،
بس تہ ڀي ڪا روشني گهرجي نٿي.

خواب هڪڙو آهہ سنڌ خوشحال جو،
آس ڀي ان کان وڌي گهرجي نٿي.

مُرڪ تنهنجي کان سوا او دلرُبا!
روح کي ڀي تازگي گهرجي نٿي.

جام اکڙين مان پياري پُر ڪيو،
ها مون کي ڀي مئڪشي گهرجي نٿي.

سڀ تلاشون تو ملي ٿي ٿيون ختم،
هاڻ بس آوارگي گهرجي نٿي.

جي 'مسافر' جو ٿو تون يار ٿئين،
تو سوا پوءِ زندگي گهرجي نٿي.

عجب آزمائش وٺين ٿو زمانا!
چني مورَ ماڻهو ڇڏين ٿو زمانا!

سدا سچ سفيرن هتي رت رُنو آ،
ڪري وار تن تي ورين ٿو زمانا!

هتي محبتن جا ٿيا پير زخمي؟
نہ ڪوئي رحم تون ڪرين ٿو زمانا!

جڏهن ۾ جتي آ وفا مات ڪاڏي،
اُتي سمجهہ تون ئي مرين ٿو زمانا!

وفا جا ’مسافر‘ جتي پيو مرن ٿا،
اُتي ڪجهہ نہ رهندو ميڙين ٿو زمانا؟

وڙهي هِن وطن لاءِ امر ٿي ويجان،
وفا جو وڏو ڪو سفر ٿي ويجان.

ڏيان ڪُلفتن کي وڏي مات ڪا،
عجب الفتن جو اثر ٿي ويجان.

ٿيان ٿر ڪراچي يا ڪيٽي بندر،
سسئي جو شهر يا سکر ٿي ويجان.

هُجان لاٽ حق جي ٻران پيو سدا،
غزل گيت وائي نثر ٿي ويجان.

ٿيان سنڌ وارن سندي سوڀ مان،
اوهان جي هٿن جو خنجر ٿي ويجان.

هجي هي ’مسافر‘ اوهان سان سدا،
الا مان اوهان جي نظر ٿي ويجان.

سدا دل صحن ۾ رهيا پيار آهن،
ڇرين چاهتن جا ضدي ٻار آهن.

رُلي يار ساڀيا جي رڻ ۾ ويا جَي!
سڄڻ خواب منهنجا سي شهڪار آهن.

ٻلي جڳ اسان کي پيو ماري جياري!
اسان لئہ عجب هي تہ اسرار آهن.

ڇري ڪو ڇوڙ جو نہ موقعو ڏنو تو،
عجب ڪي اوهان لاءِ اظهار آهن.

اٿم ٻاڙ اربي اوهان کي ڇڏيو بس،
ڪبا قربتن ۾ نہ وهنوار آهن.

اسين پيار تنهنجي ۾ رُڪجي وياسين،
دنيا جئين نہ بدليا مون دلدار آهن.

ٻُڌايو ڀلا جي خطا ڪا ڪئي ٿم،
اوهان ئي وساريا تہ اقرار آهن.

اجائي انا کي ڇڏين ڇو نٿي تون؟
ڇري ڇهڇٽا هي ڏينهن چار آهن.

مريو يار ماڻهو 'مسافر' وچن تا،
مگر ڪونہ مرندا تہ ڪردار آهن.

قوم جون شاعر پُڇائون ٿو ڪري،
باهہ ٻاري ڇڙ هوائون ٿو ڪري.

ڪٿ ڳُهاڙو ها ڪيپي وڻ ڪي پلا!
ڳَنَ سهاري تي هَلائون ٿو ڪري.

روز ڪونڌر ٽا ڪُنا جيڪي وڃن،
بي سهاريون ڪو تہ مائون ٿو ڪري.

حق وسيلن جا پيا وارث پنن؟
ڏس پريان پوڙهو صدائون ٿو ڪري.

’مير جعفر‘ ڪونہ ڏاريا هن هتي،
ڪو تہ پنهنجو ٿِي دغائون ٿو ڪري.

پاڪ رشتن تي ڏئي الزام ڪو،
بس مٿي ڪوڙيون انائون ٿو ڪري.

سنڌ هِيٺي ڪڏهن ٿيٺي ڪِينَ آ،
هُو اجايون ئي سُڪائون ٿو ڪري.

پيو اجا ’سارنگ‘[2] پُڇائي او ادا،
ڪير آ جو ڪربلائون ٿو ڪري.

شال ويڙها وستيون وسنديون رهن؟
دردَ وَندو من دعائون ٿو ڪري.

او اديبو شاعرو اکيون پَٽيو
هي ’مسافر‘ التجائون ٿو ڪري.

---

2. سارنگ: سارنگ نظاماڻي، سانگهڙ جو سيبتو شاعر

حياتيءَ جي حسابن ۾ رڳو سُڏڪا بچيا آهن،
سُکن جا الاءِ ڪٿ ڪي وچي لمحا بچيا آهن.

دنيا جي دور جا ليکا نہ ليکي ۾ ڪڍهن آيا،
نفعا نقصان سارياسين، وکر ساڳيا بچيا آهن.

اميدن جي پُنارڪ ۾ ، ٽُٽل ڪي خواب ئي آهن،
اوهان جي نينهن جا مون وٽ اهي تحفا بچيا آهن.

سمهاري ساڻ ’سُومل‘ کي مُٺي آ مامري پيئي!
اوهان ريءَ ڪاڪ ۾ ’راڻا‘ رڳو لاشا بچيا آهن.

اسان جي تڙپ جو توکي اندر احساس ناهي ڪو،
اوهان وٽ نالي ماتر ئي وچي رشتا بچيا آهن.

مڙئي محبتون ميڙي سُکن جو شهر اڏجي پر،
’مسافر‘ يار محبت جا وچي ماسا بچيا آهن.

معاشرو سُڌارجي ٿيو پيو خراب آ،
بگاڙ کي سنوارجي اهو تہ انقلاب آ.

اُجاڙ مند ۾ بهار جا خواب پوکجن!
ڏکار کي سُڪار جي وڏي اها وفا بہ آهي،

پريت جي پچار ۾ سِڌا هلو سچا هلو،
پريت کي وسارجي، وڏو اهو عذاب آ.

غلاظتون تڙي کڍي صداقتون وڌائجن.
۽ پيار سان گذارجي اهو چيو نصاب آ.

ڏسو شڪار ۾ ڪويل کي کٽي ٻڌو اٿن،
اُڏار ڪا ڪسي ونڻ وڏو تہ ڪم خراب آ.

بشارتون نئيون ملن رڳو عبادتن منجهان،
غدار کي ٺُڪارجي اهو وڏو ثواب آ.

’مسافر‘ مُنجهي نہ پئو اِجهو ٿيون منزلون اچن،
گهٽي گهٽي بهار آ، گهٽي گهٽي گلاب آ.

من جڪڙجي ويو درد جي چار ۾،
ڪو قصو ٿم پڙهيو ڪالهه اخبار ۾.

ڏيءَ پيءَ جي مٿان ڏوهه ڪارنهن رکيو،
چا پيو هي ٿئي هن تہ سنسار ۾.

مطلبن جي ڪري پاڪ رشتن مٿان،
زهر هارينِ پيا هي رڳو خار ۾.

ماڻهپي جو ڪِري هِت سِڪو آ ويو،
فرق ناهي ڏٺم عشق واپار ۾.

يا خدا تون ڪجان پاڻ پنهنجو ڪرم،
هاڻ ٻيڙو اچي آ ويو تار ۾.

عشق جي راند جو فيصلو ٿا ڪيون،
جيت تنهنجي سدا، مان سدا هار ۾.

تيز دنيا اٿئي او 'مسافر' چريا،
تون ڪٿي ٿو پڇين سُست رفتار ۾.

جڏهن دلربا جدا ٿي وئي،
منهنجي درد جي انتها ٿي وئي.

پُنارڪ ڦلهوري ڏنم محبتن جي،
ڪٿي آهي مون کان جفا ٿي وئي.

رتوچاڻ چوڏس، متل ايذي آهي،
جڻ سنڌ آهي ڪربلا ٿي وئي.

منهنجا محبتن ۾ سجدا ڏسي هُوءَ!
خدا جي بندِي آ خدا ٿي وئي.

رهيو هان 'مسافر' وفا ۾ جو پورو،
اها ئي آ شايد خطا ٿي وئي.

ناحق وڏا آهن ڪيا، دنيا اندر ناٽي ڏسو!
ڇا ڇا پيو ماڻهو ڪري پئسن خاطر هاٽي ڏسو.

ٽيهن سالن کان به پوءِ چور ساڳيو چور نڪتو؟
ڪابه اصلاح ڪانه ڪئي ٿَس، جيل ۾ ٽاٽي ڏسو!

اشرف المخلوق جو درجو ڏنو مالڪ اٿس،
حيثيت انسان پنهنجي ڇو ڪونه پيو ڄاڻي ڏسو.

ساڻ ’سُومل‘ کي سمهارڻ جو ڪيو ’مومل‘ مذاق!
ڪاڪ تي قيامت ڪيرائي، رنج تي ’راڻَي‘ ڏسو.

مون قدم هر ڪو وڌايو آ وفا جي واٽ تي،
پل اوهان منهنجي وفائن کي ڇنڊي ڇاڻي ڏسو!

چئي ’مسافر‘ حال هي ۾ ماضي، مستقبل منهنجو
نالي آ محبوب جي پل وجهي گهاٽي ڏسو.

ڪڏهن ڪي پُور پيڙائون، ڪڏهن ڪا آس لکندو هان،
غزل يا گيت جي نالي، پيو من پياس لکندو هان.

رڳو هي لفظ پيي ناهن، ذرا ڪجھ غور فرمايو،
سڄڻ ٿا ساھ ۾ جيڪي اهي احساس لکندو هان.

وفائون ڇو ڇني ڇوري جيان رهجي ويون آهن؟
اجان ڪي پروسا آهن تڏهن وشواس لکندو هان.

وفا جي واٽ جا راهي دغا مان ڪونہ ڄاڻن ٿا،
سڄڻ ساٿيہ سان دوکو ڪندڙ راڪاس لکندو هان.

پڏائين پاڻ جيڪي ٿا اهي ڇا پيار ڪي سمجهن؟
ڏين سجدا سچائيَن تي اُهي روح راس لکندو هان.

پلي تون پاڻ پنهنجي ڪي، پري رک مون ’مسافر‘ کان،
هجين ٿي ساھ منهنجي ۾ رهي تو پاس لکندو هان.

وِڪَ وِڪَ دوڪا ويساهہ گھاتيون،
زهر ڏسان پيو يار حياتيون.

ڪو قاتل هٿ ڏاريو ناهي،
پنهنجا هٿ ۽ پنهنجون ڪاتيون.

ڪيسين تائين آخر ڏسبيون؟
روئندڙ مائون زخمي ڇاتيون!

ڪنهن آ ماريو بابل منهنجو؟
ماءُ ٻڏي ٿي ٻوليون ٻاتيون.

هاڻ لڳن ٿيون چيخ وڏي ڪا،
ڪوئل جون پيون منڙيون لاتيون.

ڪندٻراتن ۾ ڪير اچي ٿو؟
هر هر در ڏي پاءِ نہ جھاتيون!

شال 'مسافر' سنڌڙي ماٽي،
اجرا ڏينهن ۽ روشن راتيون!

تو وٽ جيڪا ذات ڏسان ٿو،
روشن سا پرڀات ڏسان ٿو.

لفظن سان ٿي ديپ جلائين،
اونداهين جي مات ڏسان ٿو.

تنهنجي فڪري پهلوُئن ۾!
سوڀاري سوغات ڏسان ٿو.

تنهنجي من آڳر ۾ سائڻ،
جيتڻ جا جذبات ڏسان ٿو.

هاڻ تہ جهيڙو ڪرڻو آ بس،
وَکَ وِکَ واڳون وات ڏسان ٿو.

تنهنجي شعرن جا تہ نياپا!
ڪانئر پويان ڪات ڏسان ٿو.

تنهنجي منهنجي منزل ساڳين،
ذات نہ ڪا ئي پات ڏسان ٿو.

چو نہ ’مسافر‘ چير ٻُڌان مان،
جگنو جگنو رات ڏسان ٿو.

حادثا ئي حادثا آ زندگي،
ها ڏکن جا مرحلا آ زندگي.

آس ۽ وشواس آهن باهہ ۾،
ساهہ سڏڪو ۽ صدا آ زندگي.

روح رتو ٻار ان جي لاءِ ڇڻ،
راند جا رانديڪڙا آ زندگي.

ضبط جا هي بند اڏجن ڪيترا،
ڪربلا ئي ڪربلا آ زندگي.

درد جا سئو روپ ۽ عنوان هن،
جِيءَ جهيرون جابجا آ زندگي.

درد ڏرتي، فڪر، فاقہ روح رت!
روز هڪڙي ٻي سزا آ زندگي.

تون وڇوڙن جا قصا ڇا ٿو پڇين،
فاصلا ئي فاصلا آ زندگي.

يار افضل[3] تون تہ هليو دور وئين،
مات منهنجي تو سوا آ زندگي.

من منهنجو موڳو 'مسافر' آ ٿيو،
پيچرا ئي پيچرا آ زندگي.

---

[3]. افضل: منهنجو پنجن سالن جو پٽ، جيڪو 22 سيپٽمبر 2018ع تي اسان سيني کي الوداع چئي ويو.

ڇَپن تي هٽي ماٺ تالا ڇڏيون ٿا،
اندر ۾ لڪائي جوالا ڇڏيون ٿا.

ڏسون ڪير ٿو هاڻ ڳولي اسان کي،
هوا ۾ اڏاري حوالا ڇڏيون ٿا.

اڄڪي وقت ايندڙ نسل کي ٻڌائج،
لکي ڪي هتي هوجمالا ڇڏيون ٿا.

نہ جاتم پٽر جي اڳيان تي رُناسين،
اُگهي نيٺ هي نيڻ آلا ڇڏيون ٿا.

ڇِني جن اسان کي ڏڪاري ڇڏيو آ،
ڇِني هانوَ تي سي ئي نالا ڇڏيون ٿا.

پلي ڪو چُمين جي چَسن تي مري پيو،
اسان نينهن پنهنجا نرالا ڇڏيون ٿا.

ٻُڌا يار شاعر ڇڏيندو تہ ڇا هت،
غزل گيت ۽ ڪجھہ رسالا ڇڏيون ٿا.

ٻري جي ’مسافر‘ مري ويو تہ ڇاهي،
جلي پاڻ جڳ ۾ اُجالا ڇڏيون ٿا.

وسڪاري جي ويل وري آ،
ساجن تون پيي هيل وري آ.

هُو ڏس پٽ تي مور نچي ٿو،
ٻڪندي ان جي ٻيل وري آ.

آئون ئي بس هيڪل آهيان،
ڪِنوِٽن ساڳيو ڪيل وري آ.

جانب تو ريءَ جاليان ٿو پيو،
جِيوَن جڻ ڪو جيل وري آ.

سارُن ساٿو ساهہ ڪيو آ،
او! راحت جا رابيل وري آ.

هيل تہ پنهنجن ٿاڳن تي ڪي،
محبت ماٽيون ميل وري آ.

سونهن سندو تون ساگر آهين،
سيرت جا سنگ ميل وري آ.

تو بن هر ڪا آس ’مسافر‘،
آ ٻاٻرو جڻ سيل وري آ.

مون ۾ پنهنجو پاڻ ڇڏي ويئي،
سرهي آ سرهاڻ ڇڏي ويئي.

منهنجي ميري جِيوَن ۾ آ،
چاهت جي چانڊاڻ ڇڏي ويئي.

وڇڙئي هُن کي سال ٿيا هِن،
سوچيان ٿو آ هاڻ ڇڏي ويئي.

ساهہ منهنجي ۾ سنڌو بڻجي،
موجن جي مهراڻ ڇڏي ويئي.

ڪابہ خبر ئي ڪانہ پئي مون،
نينهن ڇني ڇاڪاڻ ڇڏي ويئي.

ماپي ماپي محبت جا ڪي،
مون ۾ آهي ماڻ ڇڏي ويئي.

راحتن جا روح اُڌيڙي،
ساهن ۾ ڇڪتاڻ ڇڏي ويئي.

ذات ڏيئا ڪي ٻاري من ۾،
جذبا جوت جواڻ ڇڏي ويئي.

ڪِلَ خوشيءَ جي آس اُجاڙي،
روح ڪري رت ڇاڻ ڇڏي ويئي.

ويندي ويندي يار ’مسافر‘،
اکڙين ۾ آلاڻ ڇڏي ويئي.

منهنجي هر شام اڄ تائين،
رهي ماتام اڄ تائين.

اوهان ٿي خاص ويا آهيو،
اسان هُون عام اڄ تائين.

ڪسي هر جيت تو مون کي،
ڪيو ناڪام اڄ تائين.

اوهان جي ياد آ منهنجي،
ڏکن لا بام اڄ تائين.

تنهنجي هر ياد ٿي ’نُوري‘،
رهيس مان ’ڄام‘ اڄ تائين.

پکي ويا پيار جا اُڏري،
لڏي پئي لام اڄ تائين.

تنهنجو هر ڪو سِتم مون وٽ،
صنم آ سام اڄ تائين.

پرين تو بن ڪيو ناهي،
اکين آرام اڄ تائين.

ابد کان ئي رهي آ هت،
وفا نيلام اڄ تائين.

ڏسان ٿو ڏيهه ساري ۾،
برهه بدنام اڄ تائين.

سَنا سِرَ تي اٿم سانئڻ،
سوين الزام اڄ تائين.

’مسافر‘ ٿي سڏايان ٿو،
اوهان جي نام اڄ تائين.

وڃي ويچار ۾ وينس پيم ڪي پُور عيدن جا،
هتي سنسار ۾ آهن عجب دستُور عيدن جا.

سڌو سنئون سبق آهي ڏنو محبت سندو مذهب،
مگر تو مون ٻڌايا هن نوان منشُور عيدن جا.

هتي ڪاٺن ڳلف ڪيئي ڏنم پيرين اگهاڙا ڪي،
خوشين عيوض ڏٺم اڪثر هتي ناسُور عيدن جا.

غريبن جي گهرن ۾ ٿي ٿري فاقہ ڪشي پيئي،
مزا ماڙين ملهايا ٿي هتي ڀرپُور عيدن جا.

الاءِ ڇو نٿي ڏسجي سچي ڪل ۽ خوشي جڳ ۾،
هجون جڙ قرض لاهيندا مثل مجبُور عيدن جا.

ڏيئي فطرا کُھي ڦَندرُون رڳو ڪن ڏيک دنيا ۾،
نڪو ايثار نوڙت آ، نڪو مسرُور عيدن جا.

منجهي من پيو ’مسافر‘ جو دنيا جي دور ۾ ڏاڍو،
لکي احساس جي نالي پيو عاشُور عيدن جا.

ڪيڏو نہ قداور آ مقتل ۾ ڪلي ٿو پيو،
رت ٻوڙ مٿان مرڪي ڏيو ٿهڪ ٿلي ٿو پيو.

هن وار ڪيو هڪڙو، دل چار ٽڪر ٿي وئي،
ڏس سُور ڪٿا پنهنجي، بي خوف سلي ٿو پيو.

هي عشق امر آهي، هي عشق نڀائيندس،
ڏس يار ڏيئو ٻڻجي، هُو پاڻ جلي ٿو پيو.

بي داغ نگر دل تي، سئو داغ لڳا ليڪن،
سڀ سور ڏنا پنهنجن، سي پائي گلي ٿو پيو.

خنجر بہ هنيا جن، سي هٿڙا بہ هئا پنهنجا،
ڏيو ڏيج ڏکن جا پل، هُو جهول جهلي ٿو پيو.

چُپ چاپ ڏسڻ ۾ آ، پر درد سندو دل ۾،
درياءُ اٿس ڪو جو اکڙين ۾ ڇلي ٿو پيو.

ارمان اٿس دل جا، ڪنهن باهہ ڏئي ساڙيا،
آ ڪير 'مسافر' هُو راهن ۾ رلي ٿو پيو.

رلائي روز ٿي مون کي پنهنجي تصوير کي سمجها،
ڇَپن کي ڇَور فوٽو ۾ اکين جي نير کي سمجها.

جڏهن کان آ ڏٺو توکي جيئڻ جي آس جاڳي آ،
ملڻ جي ڪونہ ٿي چاهين تہ مون دلگير کي سمجها.

لڳي ٿو هر لفظ تنهنجو عڪس منهنجو الاءِ ڇو،
لکي ٿي سائيائون جي منهنجي تعبير کي سمجها.

رهيو ڪو ناخدا ناهي مٺا منهنجي تہ ٻيڙي جو،
ٻڏڻ تي يار آهيان مان، اچي تون وير کي سمجها.

رکيا جي زلف فوٽو ۾ اٿئي هي يار ڇهري تي،
ورائي ڇڏ انهن کي يا ڏکڻ جي هير کي سمجها.

درياءُ آ تار دردن جو الا آهيان تہ اڻ تارُو،
سدا ٿي سڪ وَندا ٻوڙي، سِگهي اچ سِيرَ کي سمجها.

سهارو ڪوبہ ناهي ڪو ’مسافر‘ يار محبت جو،
موئن جي آ دڙي جهڙي ڦِٽل تقدير کي سمجها.

ڳُهلي اهڙي هوا آهي رُلي رشتا ويا آهن،
جيئڻ جي آس جا سڀئي ٽُٽي سپنا پيا آهن.

ڏسو جانچي تہ سينن ۾ لڳل ڪاراڻ آ ڪيڏي،
دلين جي ديس جا يارو اُجهاٽا چو ڏيئا آهن.

پڙهڻ توڙي پروڙڻ جو عمل ڪونهي اسان ۾ ڪو،
’پڻائيءَ‘ جي رسالي ۾ عمل پيا اڻ ميا آهن.

ڏسان هر ڪاڪ ٿو ڪڙهندي رلن ٿا راڄ راٺن جا،
مرن ٿيون موملون ڪيئي ستم هٿ سئو ٿيا آهن.

ڪچن معصوم واٽن تان ملن ٿا لاش بڻجي سي،
حوس جي باهہ ۾ آدم، ڦهر ڪيڏا ڪيا آهن.

سڏايون پاڻ کي مسلم پلا سوچي ڏسون آهيون؟
زنا، رشوت، وياجي ۽ عدل ۾ هٿ رِيا آهن.

اوهين تاريخ ورجائي مون کي ’منصور‘ جيئن ماريو
’مسافر‘ چو سچائيءَ جا اکر تو هي چيا آهن.

رشتا سنڀالجن يا سپنا سنڀالجن،
دل ٿي چوي تہ ٻيئي رستا سنڀالجن.

آدم پيو تہ اُلجهي پنهنجي مفاد ۾ ئي،
کهڙي تہ ريت يارو جذبا سنڀالجن.

جو ڏک لڳو پنن ۾ هر وار هٿ سجاتم،
پنهنجن سندا پيا هي تحفا سنڀالجن.

ساجن سڏي ڏنو آ جاگير هي ڏکن جو،
سڏڪا سنڀالجن يا صدما سنڀالجن.

وحشت نچي رهي آ هر گام هر گهٽي ۾،
پوتيون سنڀالجن يا پٽڪا سنڀالجن.

ماحول ڪشمڪش جو هر سر اچي پيو آ،
ننڊڙا سنڀالجن يا وڏڙا سنڀاجن.

نا اهل باغبان آ، بلبل بہ سوڳ ۾ آ،
گل گل چوي پيو ڪيئن گلڙا سنڀالجن.

فاقہ ڪشي جا ڦيرا آهن رڳو اسان تي،
تهذيب لاءِ لُچون يا ٻچڙا سنڀالجن.

پروردگارِ عالم پنهنجي پناهہ ڏيندو،
اڄ هل هلي 'مسافر' پنهنجا سنڀالجن.

چنڊو اڻئي پلي ڇِن مون کي نپائڻو آ،
تو سان وچن وفا جو پورو پڄائڻو آ.

توکي حُسن هنيلو آهي ڪيو ميان ٿو
عاشق سدائين عاجز سر کي جهڪائڻو آ.

ويساهه ٿو رکان مان پنهنجي وفا تي پورو
هر هر چوان ٿو مُرڪي ڪنڌڙو ڪپائڻو آ.

’منصور‘ جي مٿي آ ساري تہ سنڌ منهنجي،
مُردود کي ٻُڌايو توکي پڄائڻو آ.

اکڙين جي ڪهڪشان ۾ هُج تون پلي ’اپيچند‘،
تنهنجي تہ يار پويان ’سرمد‘ سڏائڻو آ.

مون جو لکي غزل آ توتي ڇڏيو مسافر،
اظهار سو اوهان وٽ ڪنهن ٻَرِ پڄائڻو آ.

رڳو يار دوکن ڏَتَن تي لکون ٿا،
پيا شعر پنهنجي ڦَٽن تي لکون ٿا.

فڪر فلسفي جي بہ فاقہ ڪشي آ،
اسان لوڻ مرچن اَٽن تي لکون ٿا.

گلابي ادائن هٿان گهاوَ کائي،
هميشہ حُسن جي هَٽن تي لکون ٿا.

ٻُڏڻ کان نہ سُهڻيون بچائي سگهيا هُون،
اجايو تہ گهيڙن گهٽن تي لکون ٿا.

’مَتارن‘ مرڻ جا سَبب پيي تہ ڳوليون!
سدائين تہ ’موکي‘ مَٽن تي لکون ٿا.

ڪٿي هاڻ تحقيق آهي اسان وٽ؟
هِتان ءِ هُتان جي رَٽن تي لکون ٿا.

نہ ٿا جُهور چهرا وٽن چو اسان کي،
غزل گيت ڳاڙهن ڳٽن تي لکون ٿا.

ٻُڏا ماڻهپي جي ڪٽي جيت ٿيندي؟
لُٽي سادگين کي لَٽن تي لکون ٿا.

’مسافر‘ الاءِ تہ ڇا ٿي ويو آ!
ڇڏي سچ سمورا سَٽن تي لکون ٿا.

يادگيرين جون هڙوتيون اڄ وري کولي ڏٺم،
يادِ ماضي ۾ وڃي ير پاڻ کي رولي ڏٺم.

ها رڳو آيون نظر ٿي ٻي رخيون ٻي واجبيون،
ڪا وفاداري نہ ڪا ئي ڪن اکين اولي ڏٺم.

جو ڪبٽ پريو پيو آهي ڪتابن سان مٿا،
تن ڪتابن ۾ تنهنجو فوٽو بہ هڪ ڳولي ڏٺم.

هئا ڳلن جي ڳوٺ جا مس وڃي گسڙا سُڪا،
تن گسَن تان اڄ اکين جي آب کي ڇولي ڏٺم.

تو ’مسافر‘ کي چنو ڳالهہ کي ڪي سال ٿيا،
پر وري چو ساهہ کي اڄ تڙپندو تولي ڏٺم.

چري دل حُسن تان، فدا ٿي وڃي ٿي،
حُسن جي حقيقت، سزا ٿي وڃي ٿي.

سجڻ ٿو سدائين، سِتم سان نوازي،
ڪجي دانهن ڪھڙي، گِلا ٿي وڃي ٿي.

عشق ۽ عقل جي، ازل کان لڙائي،
ٻنهي ۾ حياتي، حصا ٿي وڃي ٿي.

نمازون ۽ سجدا، نہ فتويٰ جنت جي!
ڏجي سر وطن تان، بقا ٿي وڃي ٿي.

وطن جي سڏن کي، ٻُڌو جن وفا سان،
نمازِ وفا پوءِ، ادا ٿي وڃي ٿي.

اسان کي نصيبن، رُلائي ڇڏيو آ،
دعا ٿا لکون سا دغا ٿي وڃي ٿي.

ڪڏهن ٿو چوان مان گنهگار ناهيان،
بشر آ بشر کان، خطا ٿي وڃي ٿي.

’مسافر‘ چوان ٿو وفا تون ڪندو رهہ،
وفائن سان بدلي، قضا ٿي وڃي ٿي.

ڪيڏو نہ غم لٽل آ، آڪاش جي اکين ۾!
لڙڪ لڙيل آهن، وشواس جي اکين ۾.

هُن چيو ڪاش بئي، دل ۾ ڌڙڪن هُجون،
ڪيڏي آس ۾ درد هو، ان ’ڪاش‘ جي اکين ۾.

سالن کان پيو سوچي تصوير اُها ناهيان،
مُورت ڪا سجيل آ، سنگتراش جي اکين ۾.

مهينن جا مُنهن جرڳا، نيٺ ڪالهہ هُو قتل ٿي وئي،
بيڏوهي پڌر آهي، ان لاش جي اکين ۾.

ڪاريءَ جو نانءُ ڏيئي، پُٽَ ماءُ ماري آ ’مسافر‘،
آ تڙپي رُني انسانيت، اوباش جي اکين ۾.

سوچن جا سلسلا، ٽُٽن ئي نٿا،
فرق ۽ فاصلا، ٽُٽن ئي نٿا.

موئن جو دڙو ٿي ويئي آهي دلڙي،
درد جا زلزلا ٽُٽن ئي نٿا.

نبيرڻ لاءِ هاٽي، رهيو دم آ باقي،
مُنجهيل پيا معاملا، ٽُٽن ئي نٿا.

گهڻو پاڻ پنهنجو بچائڻ ٿو چاهيان،
درد هي دادلا، ٽُٽن ئي نٿا.

ڪريو روز ڪاريون، جوانيون ڳُهن ٿا،
جرڳا ۽ فيصلا، ٽُٽن ئي نٿا.

نفرتن جِنجهوڙي، آ ڇڏيو ’مسافر‘،
مگر هي حوصلا، ٽُٽن ئي نٿا.

اسين پيڪر وفائن جا، جفائن ۾ اسان جو ڇا؟
ڪريون سجڻ ثنائون ٿا، گِلائن ۾ اسان جو ڇا؟

اسان جنهن کي پوڄيو رهيو من ۾ پيا پوڄيون!
حُسن هر هنڌ ڏسجي پر، ادائن ۾ اسان جو ڇا؟

پرين بس قيد ڪاڪل مان، ڪڏهن ڇڏجان نه مونکي تون،
ٻين جي زلف ڪارن جي، گهٽائن ۾ اسان جو ڇا؟

اسان جي دل جي ڌڙڪن ۾، وسي هيءَ سنڌ ڌرتي ٿي،
پڇڻ چاهيون ڇا لئه چنبڊ تي، خلائن ۾ اسان جو ڇا؟

نڪو سچ چوندي هٻڪون، نڪو سچ ٻڌندي ٿڙڪون،
اسان سادا سُنا آهيون، انائن ۾ اسان جو ڇا؟

’مسافر‘ درد جو دارون، ملي ٿو هُن جي مُرڪن مان!
دعائن ۾ به دم ڪونهي، دوائن ۾ اسان جو ڇا؟

پرين پردو هٽائي تون، نظارا بي نقاب نہ ڪر،
اکين جي ڳالھہ امر آ، اشارا بي نقاب نہ ڪر.

جو نگاهون ئي نگاهن ڪي، ڏين ٿيون جام الفت،
پرين تون بن پياسن جا، گُذارا بي نقاب نہ ڪر.

لڪايان پاڻ پنهنجا ٿَئون، سڄڻ هڪبئي جي ساهن ۾،
پنهنجا جڳ ۾ پرين پيارا، اوتارا بي نقاب نہ ڪر.

جيئون جڳ ۾ ’مسافر‘ ٿا، صرف هڪبئي جي لاءِ ئي،
سڄڻ تون پنهنجي ساهن جا، سهارا بي نقاب نہ ڪر.

وري پيو ورهاست جا، واڄا وڄائي،
پايو ٽوپي اجرڪ، ٻئي پيو لڄائي.

اهي خواب ڪوڙا ڏسڻ ئي ڇڏي ڏي،
اٿئي سنڌ منهنجي، ڇڏيئين ٿو ٻُڏائي.

صفا آئون حيران آهيان ٿيو اڄ،
پناهن لئہ آيل پيو وارث سڏائي.

منهنجي شعر ۾ تنهنجي لاءِ آ نفرت،
امڙ سنڌ لئہ سر بہ ڇڏبو ڪپائي.

هُو مڪلي، ڪراچي، موئن جو دڙو ٿَئي،
ڏسان مان بہ ڪو ڪيئن ٿو سنڌڙي ورهائي.

دلين ۾ ڏنيون جايون جن، هِن اوهان کي،
انهن جا ئي جَيرا، ڇڏيا ٿوَ جلائي.

رکي سر جي بازي ’مسافر‘ ڇڏي آ،
اٿس ياڳ هاڻي ڪٿي يا هارائي.

دلبر حرام جي نہ ٿِي خودڪشي هجي ها،
توبن نہ يار مون وٽ اڄ زندگي هجي ها.

طاقت آ ڪهڙي مون ۾ ماڻيان نہ ها ڪا ميتا،
شامل نہ يار تنهنجي جي تشنگي هجي ها.

آ حوصلن جي آڏو آخر هوا هاريو،
ڏيئو هجي ها گهر ۾ اڄ روشني هجي ها.

هڪ عشق سنڌ سان ٿم پيو چاهہ توپرين سان،
ڪوغم نہ جي هجي ها ڪٿ شاعري هجي ها.

سجدا ڪيا سدا ٿم حق سچ ۽ وفا تي،
هن بندگي سوا بس آوارگي هجي ها.

هڪ تون نہ جي تماشو مون کي ڪري ڇڏين ها،
پنهنجن ۾ ڪيئن ’مسافر‘ اڄ اجنبي هجي ها.

اوهان جي شهر جون آهن هوائون زهر آلوده،
تڏهن ئي ٿي ويون آهن وفائون زهر آلوده.

اسان جي عشق جا سجدا نہ آيا ڪنهن بہ ڪاتي ۾،
اوهان جي بي رخيءَ ۾ ٿيون سڪائون زهر آلوده.

اسان کي درد ڏرتيءَ جو وجي هر روز کائيندو،
رقيبن جي ذهن ۾ هن رڻائون زهر آلوده.

مچو پل ڪِينَ پر آخر اوهان جو ڏِيلُ ڏاريندِيون،
اسان جون پيي بڻيون آهن صدائون زهر آلوده.

’مسافر‘ شهر تنهنجي ۾ بڻيو مان اجنبي آهيان،
نگاهون ڪن پيون مون کان پُڇائون زهر آلوده.

زندگي آ ڏکن جو گهر ٿي ويئي،
نياڻي وئي پئجي سا پَر ٿي ويئي.

اسان جي وفا جو قدر ڪونہ ٿيو ڪو
هر وفا بي وفا جي، نظر ٿي ويئي.

مايا جو اڄڪلهہ مرتبو مٿي آ،
۽ محبت هٿن جي آ، مَر ٿي ويئي.

محبت جي ميزان ۾ ڇا تُرياسون؟
آهي هر ڪا ساعت حشر ٿي ويئي.

دل جي شهر ۾ زلزلو اچي ويو
سُندر آس هرڪا کنڊر ٿي ويئي.

ڏکي يا سُکي پئي گذرندي ’مسافر‘
گهڻي ڪجهہ تہ آهي بسر ٿي ويئي.

پاڪ جذبن جي مٽان پارا ٽا دل وارا ڏسن،
نازڪ نيڻن ۾ سدا نارا ٽا دل وارا ڏسن.

هڪ سچائيءَ جي ڪري سئو سئو دفعا قربان ٿي،
راتيون روئي سڄيون تارا ٽا دل وارا ڏسن.

جي سچي محبت اٿئي پيءُ زهر پيالو پري،
محبوب منڙي جا عجب عارا ٽا دل وارا ڏسن.

آ جُڳن جي جوڙ ڪان عاشق اذيت ۾ رهيو،
ڏڪ، سُور، ڏمر ڏيھ جا سارا ٽا دل وارا ڏسن.

’ڪارنهن‘ ڪري آهن ڇڏيا ميناج محبت جا ڪڙا،
تڏهن ارمانن مٿان آرا ٽا دل وارا ڏسن.

هن اڙانگي راھ تي هل ’مسافر‘ ٿي هوشيار!
گمنام وِڪَ وِڪَ جي مٿي چارا ٽا دل وارا ڏسن.

نڪو عشق هو ۽ نہ سارون هيون ڪي،
نہ اکين ۾ لڙڪن جون لارون هيون ڪي.

ذهن سوچ سنگهرن ڪيو هو نہ قابو،
نڪو پُورَ ها نہ پچارون هيون ڪي.

نہ ها سرد سڏڪا نہ ڪي سرد آهُون،
نہ ها درد يادون نہ ڪارُون هيون ڪي.

نہ ڪا جاڳ نيڻن جي نہ تارن سان ڳالهيون،
نڪو لوڪ طعنا ميارون هيون ڪي.

لڳيءَ ذات اڀِي ’مسافر‘ ٻٽيس مان،
پهرين خيال ۾ ڪٿ اُڏارون هيون ڪي.

سنڌي سيني سُپر آهيون، الڪ ڪيئن سنڌ ٽوڙيندو،
ها ڪوٽن لئي ڪپر آهيون، الڪ ڪيئن سنڌ ٽوڙيندو.

ڀلي ڪو وِيرَ وانگر ئي اچي سئو بار ٽڪرائجي،
انهيءَ جي لڪ ڪپر آهيون، الڪ ڪيئن سنڌ ٽوڙيندو.

ڀٽائي ڀُونءَ ۾ جيڪا ٽي سڏجي ٻُوءِ بهارن جي،
اسان ان جو اثر آهيون، الڪ ڪيئن سنڌ ٽوڙيندو.

’مُئن وارو دڙو‘، ’مڪلي‘ ٻئي اهڃاڻ عظمت جا،
اسان ازلئون امر آهيون، الڪ ڪيئن سنڌ ٽوڙيندو.

سدا هيءَ سنڌڙي آهي ولين صوفين سندي ڌرتي،
سدا ڇورن ڇپرُ آهيون، الڪ ڪيئن سنڌ ٽوڙيندو.

مٿان ڀُلجي ڪڏهن ڪائڻ ڪٽي ميري نظر هن ڌي،
سنڌي جوڌا جگر آهيون، الڪ ڪيئن سنڌ ٽوڙيندو.

تنهنجين ناپاڪ ڳالهين کي ’مسافر‘ سمجهي ويا آهيون،
نہ هرگز بي خبر آهيون، الڪ ڪيئن سنڌ ٽوڙيندو.

ڪُوڪ نہ ٻڌجي ڪوئل جي!
ڇم ڇم ناهي پايل جي!

ٻانهون ڳچيءَ جو هار نہ ٿيون،
سڪ لٿي نہ سڪايل جي.

رهبر ڪرسيءَ ڪي ڇهُتل،
قسمت قوم ستايل جي.

چارئي پهر اندر ۾ آ،
ڳڻتي ڏرتيءَ گهايل جي!

اڪثرين مان ڪو جام ڏئي،
لاهي اڄ اڃايل جي.

اڄ تہ ’مسافر‘ سر گهوري،
ٿيڄ ملهايون جيجل جي!

وڇوڙو اسان ۾ اڇي جي ويو آ،
سفر زندگيءَ جو سزا ٿي پيو آ.

رڳو درد يادون بچيون يار آهن،
اچي ڏس اسان وٽ پيو ڇا رهيو آ.

نہ مُرڪ پيڙي چپن تي لڳي ٿي،
ڏکن جو پئي ڳاهہ من ۾ ڳهيو آ.

نياپا هوائن هٿان جو مُڪا تو،
اهو ڪم پرين اڄ ڪچو ڪيو تو آ.

چٽي رات چوڏهين وياڪل لڳي ٿو،
چري چنڊ کي تو پلا ڇا چيو آ.

دعا ڪر ’مسافر‘ وڇوڙو وڃي هي،
اُجهاٽو اچا نہ اميدن ڏِيَو آ.

آ پرين تو ڏني دغا مون کي،
ڪا ٻُڌا تون ڪٿي خطا مون کي.

ڏوھ ڪو رک پلا سڄڻ سائين،
بي سبب تون نہ ڏي سزا مون کي.

ھا جڏھن ڪان پري ڪيو تو،
سُور ماري پيو صفا مون کي.

مون وچن آ ڏنو وفا ڪندس،
تون پلي ير سدا ستا مون کي.

عيب سمجهيم الاءِ ڪيئن جُهڪيس،
ڪا نهوڙي وئي ادا مون کي.

آ وفا جي شمع 'مسافر' ھي،
پر وسائڻ ٿي گهري ھوا مون کي.

مون کي مون ۾ مات ڏئي وئي،
وڇڙي ڪاري رات ڏئي وئي.

جِيوَن جوتون جڻ بي نسليون،
سوچن کي سڪرات ڏئي وئي.

اکڙين مان سپ خواب لڙهي ويا،
لڙڪن جي برسات ڏئي وئي.

روز مران ۽ روز جيئان ٿو،
يادن جو آ ڪات ڏئي وئي.

هن جا سور سر اکين تي،
ٿو سمجهان آ سوغات ڏئي وئي.

افشان منهنجا راز ڪري سپ،
مون کي نالو ذات ڏئي وئي.

آهي ’مسافر‘ هُن جو ٿورو،
مون کي آهي ذات ڏئي وئي.

وَرَ وَنِيُون ڪُسندي ڏٺيون ٿم ڪيتريون هن ديس ۾،
بي حسيون ڇو ٿيون ٿين هي هيتريون هن ديس ۾.

نانءُ جيڏو آ وڏو تهذيب ۽ تاريخ ۾،
تلخيون پيي تيز آهن ايتريون هن ديس ۾.

مغربي ماحول ۾ هي ڪيئن نہ رنگبا ٿا وڃن،
ڇوڪرا ڇڙواڳ ڏس ۽ ڇوڪريون هن ديس ۾.

رشوتن جي لوڀ ۾ هي ديس پيو برباد ٿئي،
خون ناٽي ۾ ٻُڏن ۽ نوڪريون هن ديس ۾.

ديد ۾ دوکو هتي ۽ پيار سڏجي پاپ ٿو،
دربدر ٿيندي ڏٺم ڪي دلبريون هن ديس ۾.

بيوسين جا بار آهن ڪو هلي ڇِيلو نٿو،
دل 'مسافر' ٿي سڙي پر ڇا ڪريون هن ديس ۾.

جان مون اربي ڇڏي توکي ۽ تنهنجي ياد کي،
ها ڇيو مون زندگي توکي ۽ تنهنجي ياد کي.

عشق جي هر هڪ ادا کي مون عبادت آ ڇيو،
مون تہ سمجهيو بندگي توکي ۽ تنهنجي ياد کي.

درد ڇو درمان لئہ هِن هُن اڳيان ظاهر ڪيان،
روح ڪوٺيو تازگي توکي ۽ تنهنجي ياد کي.

سمجهہ ۾ آئي نہ ڇو آهي وڏو ارمان ٿم،
هي جا منهنجي سادگي توکي ۽ تنهنجي ياد کي.

پر ’مسافر‘ سان ڪجو پُوري جلائڻ جي اڇو،
آ التجا هيءَ آخري توکي ۽ تنهنجي ياد کي.

هوا زور آ لڳايو وري،
اسان پيءِ ڏيئو آ جلايو وري.

زمانو ستائي ستائي ٿڪو،
اڄم پوءِ بہ ناتو نڀايو وري.

اهو عاشقن جو اصل ڏيج آ،
هٺي ٿُمتون جڳ ڪلايو وري.

ٻچن جي بکئي پيٽ خاطر ڏٺم،
امڙ پاڻ کي ٿي کپايو وري.

رُنا رات ’مڪلي‘، ’موئن جو دڙو‘،
هيو سنڌ کونڌر کُهايو وري.

سڏي سرڪشن کي پيو ٿو ڏسو،
اچي عشق مقتل سجايو وري.

ڏنا پير ۾ هِن زخم ڇير جا،
هيو وقت هُن کي نچايو وري.

اسان راهہ ’مخدوم‘ تي ٿا هلون،
پلي هاڻ گهاٽو گهمايو وري.

ڏسو ٿا مسافر تِلَي ٿو پيو،
اڄس يار پنهنجي گهرايو وري.

ديد دلبر سنديءَ ٿي عبادت رهي،
من اندر ۾ اها ئي تلاوت رهي.

راهه اوکي تہ آ پر پرين جي ملي،
هر قدم تي پئي پل قيامت رهي.

عشق اٿموٽ ۾ دل وڃي آ مگر،
بادشاهي حُسن جي سلامت رهي.

ڪٿ هوا تي ڏيئو هي وسائي سگهي،
جي اوهان جي هٿن جي حمايت رهي.

ڪونہ سجدا وفا جا ڪنداسين قضا،
يار ڪنهن جي بہ ڪيڏي عداوت رهي.

سنڌ مٽي نہ آ نيٺ ورچي پيا،
هن جي قدرت هٿان ٿي حفاظت رهي.

بي ضميرن مٿي ڇا ميارون ڪجن،
ٿي ضميرن لئہ ئي ملامت رهي.

هي ’مسافر‘ پلي آزمائي ڏسو
سام وانگي جتي ٿي صداقت رهي.

ستمگر ستم جي ڪري انتها وئي،
جفا ڏئي وساري سموري وفا وئي.

اکين جو ئي اتڪڙ هيو ڏوھ منھنجو،
اکين کي روئڻ جي وڏي ڏئي سزا وئي.

ڦُري تهڪ مون کان ڏئي عشق جو غم،
ڪري ساھ ساڻو صنم آ صفا وئي.

لُٽي لاڙ جهڙا وئي خواب منھنجا،
مون کي انت ڪان اڳ ڪري آ فنا وئي.

اميدن جي هڪڙي ڪهاڻي اُجاڙي،
اڌوري وفا جي چڙهي آ ڪٿا وئي.

ڏک هجي يا سک سڄڻ کي سارجي،
واعدو جيڪو ڪجي سو پارجي.

جي صنم جي جيت آ ان ۾ ته پوءِ،
بس ٻڌي هٿڙا اتي ئي هارجي.

ٿا چئو رهجي وفائن جو ڀرم،
لوڀ ڪوئي ڪِينَ دل ۾ ڏارجي.

سر وڍي ڏيندي ڪجي ڪا دير ڇو؟
ٿو خوشي اهڙي گهري ڪا يار جي.

سوچ جو هاڻي وقت ناهي رهيو،
رات ڪاري آ ڏيئو ڪو ٻارجي.

ڀل ڪٽي ڪيڏا ٻه ڏک ڳَڙڪِي پون،
دل شڪسته ٿي نه خود کي مارجي.

جتي وفا جو گيت ڪو گونجي نٿو،
اُت ’مسافر‘ پل نه هڪڙو گهارجي.

خوب کان خوب تر ٿي وڃون،
يا وري دربدر ٿي وڃون.

يا رڳو سوچ ۾ گم رهون،
درد جو ڪو سفر ٿي وڃون.

جي وفا ۾ بقا ٿو گهري،
وڻ وفا جو ثمر ٿي وڃون.

دل چوين ٿي پرين پاڻ هت،
هر زبان جو ذڪر ٿي وڃون.

ڇئو ته تاريخ جو باب ٿيون،
يا قصو مختصر ٿي وڃون.

ابد کان انت تائين هجو،
ڇو نه وڇڙي امر ٿي وڃون.

اڄ نظر ۾ نظر تون ملاءِ
ان نظر جي نظر تي ويڻون.

جو پراڻو پرين ڪين ٿئي،
سو وفا جو وکر تي ويڻون.

چار پل ڪان پلو آ منا،
هر جنم همسفر تي ويڻون.

دل ’مسافر‘ منهنجي تي چوي،
ڪو غزل ڪو نثر تي ويڻون.

اسان جو نينهن نوٽن تي ائين نيلام ٿي ويندو،
نہ ڄاتم منهنجي خوابن سان اهو ڦهرام ٿي ويندو.

پناهون پيار جون آڇي ڪري نروار دنيا ۾،
اڪيلو راھ ۾ مون کي ڇڏي گمنام ٿي ويندو.

سُهانو خواب ساڀيان جي ويندو رڻ ۾ رلي يارو،
اسان جو عشق امرت مان ڦري الزام ٿي ويندو.

وصل جي واٽ جا تارا اچي ويندا ڪنهن گردش ۾،
ائين ماتام منهنجي لاءِ صبح ۽ شام ٿي ويندو.

’مسافر‘ يار جنهن تان مون ڇڏيو ساھ گهوري هو،
عجب هي روح جو رشتو صفا بدنام ٿي ويندو.

هت يار وفائن جو ڪو شهر اڏي وڃبو
ها ڪونہ جفائن جي هڪ وار تڏي وڃبو.

اشرف مليو توکي اشرف جي سڏائڻ جو
رک پاڻ پرم پنهنجو هڪ ڏينهن لڏي وڃبو.

جُهڪبو نہ ڪڏهن ساڻي ڪٿ زور زبر آڏو
اعلان ڪري حق جو آواز وڏي وڃبو.

سڏ آهي سفيرن کي عاشق جي سڏائن ٿا،
جو ساڻ اسان سان آ هر ساٿ سڏي وڃبو.

ويڙها نہ وڏا گهرجن بس جاءِ ملي دل ۾،
اکڙين جي عبادت ٿئي گوڏو نہ گڏي وڃبو.

آ لوڪ سچڻ تو بن مارو تہ 'مسافر' جو
هي ڳوٺ پرين تنهنجوءِ ٿاڪ ڇڏي وڃبو.

صفا ماري ڇڏيندي آ، ادا خاموش اکڙين جي،
سَهَڻ کان ٿي مٿي وئي آ، سزا خاموش اکڙين جي.

اچي ٿي سار جي خوشبو هوا جي هر تہ جهونڪي مان،
بڻي ڏس آهي پيغمبر، هوا خاموش اکڙين جي.

هيو اظهار ڪو اُلجهيو چپن جي يار رفتي ۾،
وڏو ٿي روڳ وئي دل جو، خطا خاموش اکڙين جي.

ٻَڙيو جو لڙڪ گونگو ٿي، هيو سو باھ جو شعلو
الا! سمجهي نٿو ڪو هت، وفا خاموش اکڙين جي.

وجهي ڇو ساھ لفظن ۾، ڪرين هر راز ٿو افشان،
چريا آخر لکين ڇو ٿو ڪٿا خاموش اکڙين جي.

عجب آهي ’مسافر‘ جو مسيحا ئي تہ قاتل آ،
اجا ڇا ٻُولجي يارو، دوا خاموش اکڙين جي.

سمنڊ ڪناري شام لڙي وئي،
توکي ساري شام لڙي وئي.

مس تہ سمهاريا ها مون جيڪي،
سُور اٿاري شام لڙي وئي.

مون کي تنهنجون يادون ڏئي،
من کي ٻاري شام لڙي وئي.

هو جو جڳ لئہ روشن ڏيئو،
ان جي واري شام لڙي وئي.

ڀٽڪي ڀٽڪي ساٿو ٿيو هان،
منزل ڏاري شام لڙي وئي.

ياد اٿئي ڪو يار ’مسافر‘،
ان کي ماري شام لڙي وئي.

نہ ئي مومل ملي مون کي نہ ئي ڪا ڪاڪ چاهيان ٿو،
ڏيو ڏک ايتري مهلت رهي دل چاق چاهيان ٿو.

نہ سيني جو سور گهرجي نہ ئي زلفن وڇاڙو ڪو،
نہ ئي ٻانهن جي هارن ۾ لڪل ڪو ٿاڪ چاهيان ٿو.

صنم سادو صفا آهيان رکي مون سوچ سادي آ،
ٿئي ڪو داد ڏرتي سان، نہ سگهڻي هاڪ چاهيان ٿو.

رهي ٿي روح ۾ رت سان نہ سو آ ماڳ ماڻڻ چاهيان جو،
وفائن جو نياڻڻ هي تہ رشتو پاڪ چاهيان ٿو.

’مسافر‘ ٿي تہ آهي هي وڏو جو ماڻ ماڻيو مون،
تڏهن محبوب ڌرتيءَ جي چمڻ بس خاڪ چاهيان ٿو.

ڏسان ٿي نٿو ڪٿ خوشيون عيد واريون،
ڏٺم بس لَتا ۽ جُتيون عيد واريون.

پري يار پاڪر نہ ڪنهن کي وڏو ڪنهن،
نہ مرڪون ڪٿي مون پَسيون عيد واريون.

ڏٺيون ٿي غريبت کي گاريون ڪچيون ڪن،
وبون جِيءُ جلائي گهڙيون عيد واريون.

سوين چنڊ چهرا اجهاٽا ڏٺا مون،
چيائون نہ پهتيون چٺيون عيد واريون.

وجو من ورائي موئن جي دڙي ڏي،
ڏسو هاڻ سوچي جُنيون عيد واريون.

اسان کي اسان جي وڏيو آهي عُضوَن،
تڏهن هٿ روئن ٿيون رتيون عيد واريون.

پلا يار مون ڪجهہ اجايو بَڪيو آ،
اوهان ڪٿ ڏٺيون ڪي اکيون عيد واريون.

وڏا ڀاڳ تن جا 'مسافر' چوان جو،
مليون جن ٻَگلن کي مِٺيون عيد واريون.

بي گُٺي سان گُڻ ڪري غلطي ڪيم،
جِيءَ ۾ اُڻ تُڻ ڪري غلطي ڪيم.

هُو نسورو داغ هئي محبت مٿان،
پاڻ کي صابُڻ ڪري غلطي ڪيم.

ڪونہ چاتم مون مٿان ڪِرندو اچي،
ٿڙ سُڪل کي وڻ ڪري غلطي ڪيم.

هُو ايندي باهہ ڏئي ويندي هلِي،
روح کي پن چڻ ڪري غلطي ڪيم.

جنهن مٿي جي مانَ کي ميرو ڪيو،
دل اتي اوڏڻ ڪري غلطي ڪيم.

بي وفا ۽ بي قدر هڪ ڇوڪري،
ساهہ جي سانئڻ ڪري غلطي ڪيم.

نير جا هي جهير جنهن لئہ پوڳ ها،
نيڻ ات واهڻ ڪري غلطي ڪيم.

هو ’مسافر‘ سادگي ۾ ئي مزو،
عشق جو اوڇڻ ڪري غلطي ڪيم.

پيار وفا جي پوکي ڪر تون،
ساهہ ذري هي سوکي ڪر تون.

امرت عشق اندر ۾ اوتي،
من ۾ پيدا ’موکي‘ ڪر تون.

هي حياتي پاڻ هٿن سان،
ڪين انا ۾ اوکي ڪر تون.

مرهم جهڙا گيت لکي ڪي،
پنهنجي ذات انوکي ڪر تون.

پاڻ وساري يار ’مسافر‘،
جڳ لئي خود کي ڏوکي ڪر تون.

خوشامد جا کيل ڏنا مون،
لفظ لفظ ۾ سيل ڏنا مون.

ڪنهن جي ڪنهن جي ڳالهه ڪيان مان،
طبقا طبقا جيل ڏنا مون.

وقت وفا ۽ روَين آڏو،
رُئندا ڪي رابيل ڏنا مون.

پنهنجن جا هٿ پنهنجن سان،
ويرين وارا ويل ڏنا مون.

چانڊوڪي ۽ چيٽ رُنا ٿي،
اهڙا محبت ميل ڏنا مون.

رهبري ۾ رهزني ٿي،
پُونگا ٽيندي پيل ڏنا مون.

ٻرِ ٻيي پاڙ ٽيوسين جن ۾،
حال اهي هيل ڏنا مون.

جو بہ سچو سو آهي ’مسافر‘،
ٽرڙا ٽيبدي تيل ڏنا مون.

مشعل ڪٽي هٿن ۾ ٻَوليڻ شعور نڪتو،
پاڳل وڏو اهو ئي ظاهر ظهور نڪتو.

پيرا ڪٽون تہ ڪنهن جا قاتل چئون تہ ڪنهن کي،
پنهنجي ئي پاڻ سان آ پنهنجو ڪلُور نڪتو.

انصاف ڏس اسان وٽ ڪيڏو نہ آ نرالو،
ڦهرين سزا ٿو پيوڳي پوءِ بي قصور نڪتو.

مون ۾ تہ تون ئي آهين اڪثر هيو تہ چوندو،
ڏک ۾ ڏسي اهو ئي دلبر بہ دور نڪتو.

چاهت چري اسان جي دنيا سڄي سياڻي!
سجدا ڪيا مون جنهن کي سو بي سرور نڪتو.

هَوڳو هليو حُسن جو، عاشق اچي ڪُسَي ڪو،
ٻوڙي اچي 'مسافر' حاضر حضور نڪتو.

مرڪ چپن ڪا ماڻي ناهي،
جذبن جوش جواڻي ناهي.

روز قيامت سهندي آ دل،
سُور سهي تي ساڻي ناهي.

اُلڪن جي اذيت پنهنجي،
پُورن جي ٻه پڄاڻي ناهي.

سنڌو ٻاچا پاڻ اجارو،
ڇا هي ڄاڻي واڻي ناهي؟

ڏيهان ڏيهه ڏڪار ڏسون ٿا،
عيد ڪريون ڪيئن پاڻي ناهي.

سوڳ هوا تي ڇايل ڇو آ؟
ڪٿ ڪا نار ڪُساڻي آهي؟

غربت جا مون گهاوَ سٺا پر،
منهنجي ذات وڪاڻي ناهي.

هڪ آ ڌرتي سرتي جو ڏک،
ٻاهه ٻرهه ٻه وساڻي ناهي.

ٻئي جي دل جي يار 'مسافر'،
پڙهندو ڪير ڪهاڻي ناهي.

امن پيار ۾ ڪٿ برهه بات آهي،
جتي ڏس ظلم جو اُپو ڪات آهي.

ڪلي عام وحشت هلي ٿي ڏسون ٿا،
وئي ظلمتن جي وڏي رات آهي.

’دڙي‘ ۾ ڪو ’پرڪاش‘ دانهون ڪري ٿو،
ڇُلِي اڪ پئي ۾ ڏکي ڏات آهي.

ڪجي واٽ ويندي ٿي وينگس ڪٿان ڪا،
ڇَڪن سان تہ ڇِڻجي ڪُني ڪاتہ آهي.

جبر جِيءُ جهوري جِنجهوڙي وڌو آ،
اجان ماٺ روزو رهيو ڇاتہ آهي؟

ڪبي جي ’مسافر‘ مياٽي نہ ڪائي،
تہ پوءِ ماڻهپي جي پڪي مات آهي.

درد سان ٻڪجي انگل آرا سُتا،
پل اڇي دل ۾ ڏکن وارا سُتا.

چاهتن جا چيٽ ڪو پيلي ويو،
آس جي هر پن مٿان پارا سُتا.

هار حق ڪاڏي انائن جي هٿان،
ڏس ڪلي خوش ٿي وڃي ڪارا سُتا.

چنڊ چرين جيئن ڳوليندو رهيو،
سمنڊ جي آغوش ۾ تارا سُتا.

روز وحشت ڪي هتي وسندو ڏسي،
سوڳ ۾ هِن گَس گليون چارا سُتا.

آ اديبن جو پرم پَٽَ سان لڳو،
پوءِ بہ گهِري ننڊ مون پارا سُتا.

ڪو تہ وراث قوم جو جاڳي پلا،
چو تہ رهبر هِن هتي سارا سُتا.

هت 'مسافر' ويل ۾ مظلوم آ،
چَئن سان آهن سدا مارا سُتا.

منهنجو ساهه سزا ۾ آهي،
۽ هُو غم ادا ۾ آهي.

هُو بس مرڪي نيڻ ملائي،
درد ته منهنجو دوا ۾ آهي.

پنهنجي ڪرڻي پاڻ ڏسو ٿا،
ڏوهه اجايو قضا ۾ آهي.

نا انصافيون تيز ڏسون ٿا،
سارو ڏيهه وبا ۾ آهي.

تو ڪي چاهه جفا سان جانان،
منهنجو شوق وفا ۾ آهي.

هرڪو پنهنجي نانڙي ٿو هت،

سارو دور دغا ۾ آهي.

حق جا ٿي ڏس ديپ اُجهائي،
ڪيڏي هوڏ هوا ۾ آهي.

اڄ جو آدم ڇو ٿو سمجهي،
هر ڪو عيب ’حوا‘ ۾ آهي.

ٻي هر هام اجائي نڪتي،
هڪڙي آس خدا ۾ آهي.

يار ’مسافر‘ پيار ورهايو
رکيو ڇا ته انا ۾ آهي.

اقرارن جي ڳالهہ ڪجي ڇا،
اعتبارن جي ڳالهہ ڪجي ڇا!

ماڻهو پيا ٿا روز بدلجن،
اخبارن جي ڳالهہ ڪجي ڇا!

هُو ڇا ريت پريتون سمجهن،
اظهارن جي ڳالهہ ڪجي ڇا!

تو سان جان ڏيڻ ۾ دلبر،
دلدارن جي ڳالهہ ڪجي ڇا!

هي هِن پيٽ پڃاري تِن سان،
حقدارن جي ڳالهہ ڪجي ڇا!

ماسڪ پاتل هر ڪو آ هت،
ڪردارن جي ڳالهہ ڪجي ڇا!

راڄ انڌيرن جو آ چئوڌس،
آثارن جي ڳالهہ ڪجي ڇا!

هي سپ وحشي درندا آهن،
پوتارن جي ڳالهہ ڪجي ڇا!

ڏات ڏيئو آ ڏات ڏٽيءَ جي،
پِرڪارن جي ڳالهہ ڪجي ڇا!

پنهنجا ڏک ۽ پنهنجا ڳوڙها،
غمخوارن جي ڳالهہ ڪجي ڇا!

يار ’مسافر‘ هيٺا آهيون،
وس وارن جي ڳالهہ ڪجي ڇا!

عشق امر نہ پيار ڏسون ٿا،
لالچ جا آزار ڏسون ٿا.

پنهنجو پنهنجي ڪي ٿو ماري،
ڪاريهر جي ڪار ڏسون ٿا.

ڪهڙو واءُ گُھليو آ يارو،
چوڌس مارومار ڏسون ٿا.

جن کي هڪ ٿي رهڻو هو هت،
تن کي ٿيندي ڌار ڏسون ٿا.

خوشبوئن ۾ ماتم آهن،
گل کان گل بيزار ڏسون ٿا.

’سهڻيون‘ ٿي دل شڪسته ھِن،
مرندي ڪي ’ميهار‘ ڏسون ٿا.

هڪڙو ٻڙ جو گهاٽو وڻ آ،
ٽُٽندي ان جا تار ڏسون ٿا.

ستڻ ’نارائڻ‘ تنهنجي ٿيندي!
پوري سي پرڪار ڏسون ٿا.

گولن ٽولا گڏجي سڏجي،
ٻڌيا هن پوتار ڏسون ٿا.

ڪوڙو اڄڪلهه ڪچ ۾ آهي،
حق جي پويان وار ڏسون ٿا.

جلد ’مسافر‘ ماريو ويندين،
تنهنجا هي اشعار ڏسون ٿا.

هر بار اسان جي خاموشي!
ٿي هار اسان جي خاموشي!

تو ڇا نہ ڇيو مون ڇا نہ سَٺو
تون سار اسان جي خاموشي!

هڪ وار بہ سمجهي ڪونہ سگهين،
ڇو يار اسان جي خاموشي!

هاڻ پاڻ وري تون سارينديں،
دلدار اسان جي خاموشي!

تو ساڻ ملي پوءِ ڏيندي آ،
آزار اسان جي خاموشي!

ڏسجان تہ ڦٽائيندي تنهنجو
دربار اسان جي خاموشي!

تون ساڙ نہ ٻولي ساڻ رکي،
للڪار اسان جي خاموشي!

تو پڳ ڪِرڻ تي پاڻ پٽيو،
اظهار اسان جي خاموشي!

ٽي نيٽ پڙاڏو توڙيندا،
اشعار اسان جي خاموشي!

هر يار ’مسافر‘ سمجهي ٿو،
بيڪار اسان جي خاموشي!

سادگي جي هار آهي ٿي وئي،
آدمي جي هار آهي ٿي وئي.

رهبري آ رهزني سان ڪئي مِٽِي،
مخلصي جي هار آهي ٿي وئي.

رات جي خاموشين ۾ شور آ،
روشني جي هار آهي ٿي وئي.

آ غلاظت جو بدن ٻڌجي پئي،
دل لڳي جي هار آهي ٿي وئي.

بک وگهي بيهوش ٿي نينگر مئو،
بيوَسي جي هار آهي ٿي وئي.

جام نالي جو ’تنڊي‘[4] ۾ قيس ٿيو
مئڪشي جي هار آهي ٿي وئي.

خودڪشي جي سوچ ٿي هر هر اچي،
زندگي جي هار آهي ٿي وئي.

اڄ مسافر خوب آهي دل رُني،
تنشنگي جي هار آهي ٿي وئي.

---

4. تنڊي: تنڊي محمد خان ڪچي شراب جو ٿيل سانحو

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

[https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book](https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book)

